سياڻو ڪوري

عطا محمد ڀنيرو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدر آباد سنڌ

سياڻو ڪوري

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد - سنڌ
پاڪستان

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ٻاران ٻاراڻي ادب جي

سلسلي جو پنجون ڪتاب

سياڻو ڪوري

مترجم

عطامحمد ڀنڀرو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد - سنڌ

1995ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جا حق ۽ واسطا قائم

چاپو پهريون: سال ١٩٩٥ع

تعداد: هڪ هزار

قيمت ١٥ رپيا

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
نيشنل هاءِ وي - نزد سنڌ صوبائي ميوزيم،
حيدرآباد - سنڌ

هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيو ۽ اداري پاران اشاعتي نگران امين لغاري ميشرس آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي مان ڇپرائي حيدرآباد مان پڌرو ڪيو.

سنڌاءُ

صفحو

ٻہ اکر	٦
سِياڻو ڪورِي	٩
نئون نَسل	١۴
وِينجهارَ ۽ اَجگرُ	٢٠
اَنڌِي لالچ	٢۵
ٽي دوست	۴٠
اَچو ڏُنبو	۴۴

ٻه اکر

سنڌي زبان ۾ ٻارن لاءِ جيڪو مواد ڇپجي ٿو، سو اٽي ۾ لوڻ برابر به نه آهي. ٻارُ جڏهن به چار درجا پڙهي ٿو ته فطري طور سندس دل ۾ خيال اڀري ٿو، ته ڪو ڪهاڻيءَ يا آکاڻين جو ڪتاب هجي ته هُو پڙهي دل وندرائي. ٻين ملڪن ۾ ٻارن جي تعليم، تربيت ۽ ادب تي خاص توجه ڏنو وڃي ٿو، پر اسان وٽ اهڙو ڪو بندوبست ڪونه آهي.

اسان وٽ نه ته اهڙا اسڪول آهن ۽ نه وري فرض شناس، قابل ۽ محنتي استاد، جيڪي ٻارن سان محنت ڪري سندن پيڙهه مضبوط ڪن. اڄ ڪلهه پيءُ ماءُ يا ته پاڻ ٻارن کي پڙهائين ٿا يا ٽيوشن جو بندوبست ڪيو وڃي ٿو. پرائيمري تعليم جو اهو حال هجي ۽ وري ٻاراڻي ادب جي ٻوليءَ ۾ ايڏي کوٽ هجي، جو ٻارڙا ڪتابن لاءِ سڪندا وتن، ڪيڏي نه افسوس جي ڳالهه آهي!

اهي حالتون ڏسي اداري پنهنجو فرض سمجهيو ته ٻاراڻي ادب کي شاهوڪار بنائڻ لاءِ ڪتاب لکرايا وڃن يا ترجمو ڪرايا وڃن. پر جلدي ۾ سهڻيون شيون ڪٿي ملي سگهن ٿيون. هر اديب جون پنهنجون مصروفيتون آهن. وڏا اديب ته ٻارن لاءِ لکڻ کي چڻ عيب سمجهي ٻين علمي ادبي ڪمن ۾ مصروف ٿي ويا آهن. ڪنهن کي مجبور به ڪري نه ٿي سگهياسون، پر منٿ ميڙ ڪندا رهياسون.

منهنجو پيارو دوست عطا محمد ڀنڀرو صاحب هن دور جوڪامياب مترجم آهي، هُو ڏينهن رات انهيءَ ڪم ۾ مصروف رهي ٿو. هن اسان سان اڳ ئي پيال پيلايا هئا، وري به ٻي وات نه ڏسي ڪيس منٿ ميڙ ڪيم. ساڻس حُجت به آهي، تنهن ڪري ڪنڌ ڪڍائي نه سگهيو. اڳ اٺ ڪلاڪ ڪم ڪندو هو، ته هينئر هن ڏهه ڪلاڪ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ٻيا ڪم به ڪو نه ڇڏيائين، پر اسان سان به ڀَهرُ وهي ويو. هن تمام ٿوري عرصي ۾ انگريزيءَ ۾ لکيل ٽي ڪهاڻين جا ڪتاب ترجمو ڪري ڏنا. جن جا ڪُل صفحا پنج سؤ کن ٿيندا. اسان انهن مان اٺ ڪتاب ڇپرائڻ جو پروگرام رٿيو آهي. في الحال

سندس ترجمو ڪيل ڪهاڻين مان ٽي ڪتاب ڇپرائي رهيا آهيون. وڏيڪ ڪتاب ايندڙ سال ڇپرايا ويندا.

اهي ٽي ڪتاب آهن: خطرناڪ ٻلي، ڏاها ٻائر، ۽ سياڻو ڪوري، جيڪو اوهانجي هٿن ۾ آهي. هن ڪتاب ۾ ڪل ست ڪهاڻيون ڏنل آهن، جن مان پهرين ڪهاڻيءَ جو عنوان آهي ”سياڻو ڪوري“ جنهن ۾ هڪ ڪوريءَ جي ڏاهپ بيان ڪئي وئي آهي. هڪ مسڪين پورهيتُ، بادشاهه ۽ سندس وزيرن کي اچرج ۾ وجهي ڇڏي ٿو. جيڪا ڳجهي ڳالهه بادشاهه ۽ سندس وزير سمجهي نه ٿا سگهن، سا اهو مسڪين ڪوري ڪين کولي ٻڌائي ٿو. هن ڪتاب جي ٻي ڪهاڻي ”نئون نسل“ ۾ هڪ ٻئي سان پيار ڪرڻ، هر ڪنهن سان نيڪي ۽ ڀلائي ڪرڻ جو سبق ڏنو ويو آهي.

”وينجهار ۽ اجگر“ هڪ بهادر نوجوان جي ڪهاڻي آهي، جيڪو پنهنجي ڏاهپ ۽ بهادريءَ سان هڪ وڏي اجگر کي ماري ڇڏي ٿو ۽ اتان جا رهاڪو وڏي مصيبت ۽ نقصان مان بچي وڃن ٿا. سياڻن چيو آهي ته ”لالچ بُري بلا آهي“. هن ڪتاب ۾ُ هڪ لالچي بادشاهه جي ڪهاڻي بيان ڪئي وئي آهي. لالچي بادشاهه ماڏلي ۽ لاڏلي نالي خريد ڪيل ٻانهين کان تمام گهڻو پورهيو ڪرائي ٿو، ڪين ساهي ڪرڻ به نه ٿو ڏئي. هُو جادوءَ جو جنڊ پيهن ٿيون ته ان مان سونُ نڪرندو رهي ٿو. بادشاهه کي گهڻي لالچ هئي، تنهن ڪري هن ڪين ساهي ڪرڻ نه ٿي ڏني. نيٺ ماڏلي ۽ لاڏلي کي ڪاوڙ اچي وئي ۽ هنن جَنوُ جِن کي گهرائي ورتو ۽ نيٺ بادشاهه تباهه ٿي ويو. جنو جِنُ اهو جادو وارو جنڊُ کڻي ويو ۽ بادشاهه جون ٻانهيون به پاڻ سان وٺي ويو. هُو گهڻي لالچ نه ڪري ها، ته پاڻ به سُکي رهي ها، ته سندس رعيت به سکي ۽ خوشحال رهي ها.

”منگهان ۽ ديؤ“ هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ منگهان نالي هڪ ڇوڪريءَ جي بهادري ڏيکاري وئي آهي. منگهان بادشاهه جي ڇوڪري تي ديؤ جون قيمتي شيون وڏي اٽڪل سان کسڪائي کڻي اچي ٿي.

هڪ ڪهاڻيءَ جو عنوان آهي”ٽي دوست“. اهي ٽي دوست هئا ڀولڙو، گدڙ ۽ ڳڙو، ٽنهن جي پاڻ ۾ گهاٽي ياري هئي. ٽيئي صبح جو سوير شڪار تي ويندا هئا ۽ اهو شڪار گڏجي کائيندا هئا. انهن ٽنهي دوستن کي هڪ سياڻو سهو سهڻيون صلاحون ڏيندو هو ۽ چڱا ڪم ڪرڻ جون نصيحتون ڪندو هو. پر اهي رڳو پنهنجو پيٽ پالڻ ۾ پورا هوندا هئا ۽ ٻئي ڪنهن جي ڪم ڪونه ايندا هئا.

هڪ ڏينهن هڪ فرشتي کين آزمائي ڏٺو ته هُو مطلبي نڪتا، پر سيهڙ مطلبي ڪونه هو. هُو چاهيندو هو ته ٻين جو ڀلو ڪجي. فرشتي کي ان سيهڙ جون عادتون وڻي ويون ۽ هُن هڪ پهاڙ کي نپوڙي، ان مان رَسُ ڪڍي چنڊ کي مکي ڇڏي ته ان ۾ سيهڙ جي شڪل ٺهي بيٺي، جيڪا اڄ به اوهانکي چنڊ ۾ نظر ايندي.

هن ڪتاب جي آخري ڪهاڻي ”آچو ڏنبو“ آهي. ڏنبو گهران ڀڄي نڪري ٿو ته واٽ تي کيس ٻيا جانور گڏجن ٿا، جيڪي پڻ هن سان گڏجي هلن ٿا ۽ هڪ هنڌ وڏي اٽڪل ۽ بهادريءَ سان چورن کي ڀڄائي ڇڏين ٿا ۽ چورن جي ملڪيت تي قبضو ڪن ٿا. مطلب ته هن ڪتاب ۾ جتي ڏاهپ ۽ بهادريءَ جون ڳالهيون آهن ، ته اُتي اخلاق ۽ نصيحت وارا نُڪتا پڻ آهن. ڀنڀيري صاحب تمام سؤلي سُبڪ ۽ سوادي ٻولي ڪم آندي آهي. ڪتاب پڙهڻ سان ائين لڳي ٿو ته ڄڻ هيءُ ڪتاب ترجمو نه، پر ڀنڀيري صاحب جو پنهنجو لکيل آهي. اميد ته پڙهندڙن کي هيءُ ڪتاب پسند ايندو.

حيدرآباد سنڌ
15 ڊسمبر 1995

نواز علي شوق
چئيرمين
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد سنڌ

سياڻو ڪوري

ڪنهن زماني ۾ هڪ ملڪ جو بادشاهہ هوندو هو.

هڪ ڏينهن هو پنهنجي تخت تي ويٺو هو تہ ونس ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ جي بادشاه جو هڪ سفير آيو. هو بنا اکر ڳالهائڻ جي تخت جي چوڏاري ليڪو ڪڍي هڪ پاسي تي ويٺو.

بادشاه کي ڏاڍو اچرج لڳو.

”هن جو مطلب ڇا آهي“ هن پڇيو.

پر سفير ڪجهہ بہ ڪونہ ڪڇيو.

سو بادشاه ڏاڍو پريشان ٿيو. پنهنجن وزيرن صلاحڪارن کي سڏايائين ۽ چيائين تہ تخت جي چوڏاري ليڪي ڪڍڻ جو ڇا مطلب آهي؟ اميرن وزيرن ليڪي کي چڱيءَ پرجاچي ڏٺو، مگر ڳالهہ سمجهي نہ سگهيا.

تنهن تي بادشاه ڏاڍو ناراض ٿيو. ۽ ڪاوڙ مان چوڻ لڳو:

”توهان کي شرم اچڻ گهرجي، منهنجي سڄي ملڪ ۾ ڪو هڪ بہ اهڙو ماڻهو نہ آهي، جيڪو صحيح اندازو لڳائي سگهي تہ منهنجي تخت جي چوڏاري ڪڍيل ليڪي جو مطلب ڇا آهي.“

بادشاه، ڏاهن ماڻهن ڏانهن فرمان موڪليو تہ هو گڏ ٿي سوچي سمجهي ٻڌائين تہ سندس تخت جي چوڏاري ڪڍيل ليڪي جو مطلب ڇا آهي. جيڪڏهن اهي ڏاها ماڻهو اها ڳالهہ ڏسي نہ سگهيا، تہ سندن سر ڌڙ کان ڌار ڪيا ويندا.

وزير هڪدم سياڻن ماڻهن جي ڳولا لاءِ نڪتا. انهن هر شهر هر ڳوٺ هر واند ۽ هر وستي وچي ڏاهن ماڻهن جي ڳولا ڪئي. ڪيترن ئي گهرن جا در ڪڙڪايا. آخرڪار هو هڪ ننڍڙي گهر وٽ آيا، جيڪو

هن ڏنو تہ خالي پيو هو. اتي ڪوبہ ڪونہ هو، هڪ شمع ٻري رهي هئي جيڪا پاڻ هُرتو پئي اُڏي.

"هن جو مطلب ڇا؟" وزيرن هڪ ٻئي کان پڇيو. "شمع پاڻ هرتو لڏي چو تي جڏهن تہ گهر ۾ آهي بہ ڪير ڪونہ."

اهي ڪجهہ وقت تعجب ۾ بيٺا رهيا ۽ بعد ۾ ٻئي ڪمري ۾ ويا. اتي بہ هڪ شمع ٻري رهي هئي، جيڪا پاڻ هرتو پئي لڏي، پر اتي بہ ڪير ڪونہ هو.

وزيرن کي ڏاڍو تعجب ٿيو ۽ اهو گهر جي ڇت مٿان چڙهي ويا. هن مٿي ڏنو تہ ڪٽڪ سڪي رهي هئي ۽ پکي مٿانئس ڦري رهيا هئا. انهن ڪٽڪ چڳڻ پئي چاهي، پر ڪين همت ڪانہ پئي ٿي. ڇوتہ نڙن جو هڪ پکو ڇت تي ٿهيل هو، جيڪو هڪ پاسي کان ٻئي پاسي پکين کي اُڏائي رهيو هو.

بادشاه جا وزير ڏاڍا اچرج ۾ پيا.

"پکو پکين کي ڇوتو اڏاري؟" هو هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳا.

ڇت تان لهي وري گهر جي اندر آيا، پوءِ ٽئين ۽ آخري ڪمري ۾ ويا. اتي هڪ ڪوري وينو هو، جيڪو آڏاٽي تي ڪپڙو اُٽي رهيو هو.

"تنهنجي گهر ۾ ڪهڙي ڪرامت آهي؟" وزيرن ڪانئس پڇيو. شمعون پاڻ مرادو ڇوتيون لڏن ۽ ڇت تي نڙن جو پکو پکين کي پاڻ هرتو ڪئين ٿو اڏاري، جڏهن تہ هواءِ بہ ناهي."

"اها ڪرامت ناهي، مان انهن کي هلائي رهيو آهيان." ڪوريءَ چيو.

"تون اسان تي ٺٺول ٿو ڪرين."

"تون اهو ڪيئن پيو ڪرين؟ جڏهن تہ تون هتي ڪپڙو وينو ٿو اُٽين."

"اها ڪا وڏي ڳالهہ ناهي، منهنجي آڏاٽي ۾ ٽي نوڙيون ٻڌل آهن، هڪ کي مان ڇهرين شمع سان ٻڌو آهي ٻيءَ کي ٻي شمع سان ۽

ٿيون نڙن وارن پڪي سان. جئين مان اٽڻ شروع ڪيان ٿو ته نوڙيون چرڻ پرڻ لڳن ٿيون، ته شمعون ۾ چٽ وارو پڪو هلڻ شروع ڪن ٿا."

بادشاه جي وزيرن ويجهو وڃي ڏٺو ته واقعي آڏاٽي ۾ ٿي نوڙيون ٻڌل هيون، جيڪي ٻنهي شمعن ۾ مٿي پڪي ڏانهن ٿي ويون.

"اها ته واقعي اچرج جهڙي ڳالهه آهي". هنن چيو.

هيءُ ڪوري واقعي ڪو ڏاهو ماڻهو آهي. اهڙيءَ ئي ماڻهوءَ جي اسان کي ضرورت آهي. هاڻي يار ڪوري تون اسان سان هل، هڪ مسئلو آهي، من تون هلي اهو مسئلو حل ڪرين ۽ ڳجهارت جوڳُرُ سلين."

"پهريون مونکي ٻڌايو ته ڳالهه ڇاهي." ڪوري ڪائڻ پڇيو.

ڪنهن ڏوراهين ڏيهه جي هڪ بادشاه جي وزير اسان جي بادشاهه جي تخت جي چوڌاري ليڪو ڪڍيو آهي، نه بادشاهه، نه ڪو وزير ۽ نه وري ڪو صلاحڪار سمجهي سگهي ٿو ته ان جو مطلب ڇاهي. سو اسان بادشاهه جي حڪم سان ڪنهن ڏاهي ماڻهوءَ جي ڳولا ۾ نڪتا آهيون، جيڪو اسان کي انجو مطلب سمجهائي ته تخت جي چوطرف ليڪو ڇو ڪڍيو ويو آهي. جيڪڏهن تون اها ڳجهارت سلي سگهين ته توکي ججها انعام ڏنا ويندا."

ڪوريءَ بادشاهه جي وزيرن جي ڳالهه ٻڌي سوچ ۾ ٻڏي ويو- پوءِ هن ڪجهه ڪوڏيون ڪنيون جنهن سان ٻار ڪيڏندا آهن، اهي کيسي ۾ وجهي گهر جي اڳڻ ۾ هڪ چوزو ڦاسائڻ ويو. اهو ڏسي وزير هڪ ٻئي ڏانهن تڪڻ لڳا ۽ اچرج ڪرڻ لڳا ته هي ڇا پيو ڪري.

"تون چوزي کي ڇا ڪندين". وزيرن ڪائنس پڇيو.

"مونکي ان جي ضرورت پوندي. ڪوريءَ چيو ۽ چوزو ڪٽي ڪاري ۾ وڌائين.

بعد ۾ سڀ بادشاه جي محلات ڏانهن روانا ٿيا. ڪوري شاهي

محلات ۾ گهڙيو بادشاه کي سلام ڪرڻ کان پوءِ سفيد ليڪي ڏانهن ڏنائين، جيڪو تخت جي چوڏاري نڪتو پيو هو ۽ ان ماٺهوءَ ڏانهن بہ ڏنائين، جنهن اهو ليڪو ڪڍيو هو. پوءِ هن ان ماٺهوءَ ڏانهن ڪوڏيون اڇلايون.

ٻئي وري پنهنجي ڪيسي مان جوئر ڪڍي فرش تي اڇلائي.

ڪوري ڪِلي ڪاريءَ مان ڪڪڙ ڄچو چوزو ڪڍي انهن اڇلايل داڻن ڏانهن ڦٽي ڪيو. چوزو اهي داڻا تڪڙو تڪڙو چڱڻ لڳو ۽ جلد ئي فرش تي هاريل سمورا داڻا چڱي ويو.

پوءِ اهو اوپرو شخص بنا ڪجهہ ڪڇڻ جي اٿي هليو ويو.

بادشاه، وزير ۽ درباري ان ڪوري کي اچرج سان ڏسي رهيا هئا. ڪنهن کي ڪل ڪانہ ٿي پئي تہ هو ٻئي ڇا ڪري رهيا آهن.

”ان اوپري جو مطلب ڇا هيو؟ بادشاه ڪوريءَ کان پڇيو.

سائين! هن اهو ٻڌائڻ پئي چاهيو تہ اسان جي ملڪ جو بادشاه توهان جي ملڪ تي حملو ڪرڻ ٿو چاهي ۽ چوڏاري گهيري ۾ آڻڻ جي ڪوشش ٿو ڪري.“ هن پڇڻ پئي چاهيو تہ اوهان جنگ ڪرڻ ٿا چاهيو يا شڪست قبول ٿا ڪريو. اها هئي تخت جي چوڏاري ليڪي ڪڍڻ جي معنيٰ.“

”ها بلڪل ائين“ بادشاه چيو، ”مان سمجهان ٿو. پر مون اهو ڪونہ سمجهيو تہ تون ڪوڏيون سندس پيرن ۾ ڇو اڇليون؟

”مان ڪيس اهو ٻڌائڻ پئي چاهيو تہ اسان توهان کان وڌيڪ طاقتور آهيون، توهان اسان کي شڪست ڏئي نہ سگهندو، توهان اڇان پار آهيو وڃي راند ڪيڏو ۽ پنهنجي گهر رهو. وڃي ڪوڏيون سان ٻارن وانگي ڪيڏو.“ توهان اسان سان جنگ جوٽي نہ سگهندو.

ٺيڪ، مان سمجهي ويس. پر اهو تہ ٻڌاءِ تہ هن اوپري ڇو جوئر جو ان فرش تي اڇليو ۽ تو ڪڪڙ جو چوزو ڪاريءَ مان ڪڍي ان کي چڱڻ لاءِ ڇو ڇڏيو.“ بادشاه ڪانئس پڇيو.

اهو سمجهڻ ڪو اوکو ناهي، ڪوريءَ چيو، ” جوئر جو ان اچلڻ جو مطلب اهو هو ته سندس بادشاه جي لشڪر جو ڪو حساب ئي ڪونهي. منهنجي چوزي چڱڻ جو مطلب اهو ته جيڪڏهن اوهان جو لشڪر هتي پهتو ته ڪوبه زنده سلامت ڪونه بچندو.“

”چا هو سمجهي ويو؟“ بادشاهه ڪانئس پڇيو.

”ها، هو سمجهي ويو ان ڪري ته هو جهٽ پٽ اٿي ويو.“

بادشاه ڪوري کي وڏا انعام ڏنا ۽ سندس ٿورا مڃيا. چيائينس ته تون هتي محلات ۾ رهي پَو، مان توکي پنهنجي ملڪ جو وزيراعظم بڻائيندس.“

”نه“ ڪوري بادشاهه کي جواب ڏنو، ”مان تنهنجو وزير ٿيڻ نه ٿو چاهيان، چو ته مونکي پنهنجا ئي گهڻا ڪم آهن.“

ائين چئي هُو چپ چاپ دربار مان هليو ويو.

نئون نسل

ڪنهن زماني جي ڳالهہ ڪندا آهن، تہ ڪي ڀلا ماڻهو هئا جن دنيا سان لهہ لاڳاپا ڇڏي پيار ۽ الفت جي ان ماڳ تي پيهي ٻٽائي جاتي سدا ساوڪ هئي، جڻ ڪو سدائين وهندڙ واهڙ ان سائي ميدان جا پوٽا پَلوَ پاسا پٽ ۽ پڌر پسائي ويئہ ۽ ولهار ڪري ڇڏيا هئا. تنهن زماني ۾ ٻي سڄي دنيا جنگ جهيڙي ۽ خون خرابي واري دوزخ جي دونهين ۾ ڪاري ٿي چڪي هئي، پر اها پيار جي پيهي ۽ سدا سائي امن آشتي صلح ۽ سانت ميٺ محبت ايڪتا ۽ ڀائپيءَ جي ڀونءِ ٻٽيل هئي، جتي ڪُوڙ ڪپٽ ڪروڌ ڪيني ڪلفت جو ڪو نانءُ نشان ئي ڪونہ هو.

ان ڀائپي واري ڀونءِ ۾ رهندڙ اجوڪا ۽ اندر جا اجرا انسان سڄو وقت ڪنهن پورهئي ۾ رڌل هوندا هئا. انهن مان هڪڙو جنهنجو نالو نبن هو، سو سڄو ڏينهن هڪ باغ پوکڻ ۾ مشغول رهندو هو. اهو اهڙيون پوٽيون پوکيندو هو، جنهن مان اڳها سڳها ۽ دردوند ڏک سور ڪان آجا ٿي ويندا هئا. اهڙا پوٽا پڻ پوکيندو هو، جيڪي کائڻ ۾ سپڪ ۽ سوادي هوندا هئا ۽ اهڙا گل پوکيندو هو، جنهنجو واس دل کي فرحت ۽ روح کي راحت ڏيندو هو.

انهن سدا سياڳن گلن جي سُرهاڻ ۽ واڪاڻ ان واديءَ جون حَدون ٽپي چوڏس چيٽ وانگي پکڙجي وئي ۽ پري پري جا ماڻهو هن وٽان اهي سرهاڻ وارا سهٽا پوٽا وٺي ويندا هئا ۽ انهن جي بدلي ٻيا پوٽا ڪيس ڏئي ويندا هئا. نبن فقير وٽ هڪ ڪتاب رکيو هو، جنهن ۾ پوٽن جا نالا لکندو ويندو هو. هر چيٽ ۽ اسُوءَ ۾ گلن جي نالن جي قطار وڌندي ويندي هئي. آخرڪار اهو پيار ۽ ڀائپي جي پيهيءَ وارو باغ ناياب ۽ اچرج جهڙن پوٽن سان ڀرجي ويو. جنهن کي ڏسي نبن فقير ڏاڍو

خوش ٿيندو هو.

اسوءِ جي رُت ۾ هڪ سنت فقير جنهن پنهنجي حياتيءَ جو ڪافي حصو انساني خدمت ۾ گذاريو، سو هڪ ڏينهن اچي ان فقير جي باغ ۾ نڪتو. باغ جون وليون ٻوٽيون ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ نبن فقير کي چيائين ته سندس باغ ۾ واقعي اڻ ملهه ٻوٽيون آهن، پر هنجي باغ ۾ سندس باغ کان ڪجهه وڌيڪ ۽ سٺيون ٻوٽيون آهن، جيڪي هن تمام پري کان آڻي پاڻ وٽ پوکيون آهن. فقير سوچڻ لڳو ته جيڪر اهي ٻوٽيون وٽس هجن، ته ڪيڏو نه ڀلو. پر پوءِ ڪيس ڏاڍو شرم محسوس ٿيو ته هو ڪو ساڙوئو آهي ۽ پرائي مال جو تاڪُو آهي.

ٿوري وقت کان پوءِ نبن فقير ٻين فقيرن کان اجازت وٺي هڪ سنياسي چِتي فقير وٽ سندس پيهيءَ ۾ پيهي ويو، جيڪو ڏاڍو ڏاهو ۽ عمر ۾ جهونڙو هو. نبن فقير کيس ساري ڳالهه سڻائي، ته هڪ فقير آيو جنهن چيو ته وٽس ڪيتريون اڻ ملهه ٻوٽيون آهن، جيڪي هن تمام پري کان آڻي ڪٺيون ڪيون آهن.

”بچا! پورهيو عبادت آهي، هن چڱو ڪيو“ چتي فقير ورائيو.

”پورهيو عبادت آهي، پر اڻ ملهه ٻوٽين جو ٻڌي منهنجيءَ دل ۾ ڪجهه حسد ۽ ساڙ جو احساس ٿيو. سمجهان ٿو ته منهنجي اندر ۾ اجا بگهڙ واري ٻڪ آهي.“ نبن فقير چيو.

”منهنجا ٻچا، ويچارو ماڻهو سهڻين شين جي مها چار ۾ ڦاسي پوندو آهي يا ته هو پوريءَ ريت ان ۾ جڪڙجي ويندو آهي يا وري انکي چني نڪري ويندو آهي. سو تون ڪنهن سگهاريءَ لَڙهه سان لڳي پئه ۽ هلڪين شين کي ڇڏي ڏي.“

”بابا، اَها سگهاري لڙهه ڇا آهي؟“: نبن فقير سوال ڪيو.

”اهو جيڪو سرڪار لطيف چيو آهي:

پاشاهي نه پاڙيان، سرتيون سُئيءَ ساڻ،
ڍڪي اگهاڙن کي، ڪين ڍڪيائين پاڻ.

ٻچا، جيڪي ٻين لاءِ جئندا آهن، اُهي مرندا ئي ڪونہ آهن. ٻين جي لاءِ پورهيئي ڪرڻ ۾ جيڪو پنهنجي عزت سمجهي ٿو تہ ڄڻ هو خدا جي لاءِ جيئي ٿو. جيڪو ماڻهو پنهنجون خوشيون وساري، ٻين جا ڏک ياد ڪري ٿو، سو ماڻهو نہ پر خدا جو پاڇو آهي. سو تون ٻين جا ڏک ڏور ڪرڻ ۾ پنهنجي روح جي تلاش ڪر ۽ موت ڪان اڳتي نڪري وڃ."

پوءِ نبن فقير موڪلائي هليو ويو. جڏهن پنهنجي اوتاري ۾ پهتو، تہ ڪو اوني سندس اوسيڙي ۾ اڳيئي اَتي ويٺو هو. ڪيس هڪ ٿبو پاڙن جو ۽ هڪ چٺي هئي، جنهن ۾ لکيل هو:

"هيءَ ٻوٽو اسان وٽ عام آهي. شايد اوهان وٽ اڻ ملهہ هجي. هنجو نالو ڪنوار ٻوٽي آهي. هيءَ ڦڙدن ۾ ورهايل آهي ٻاهرئون سائي ۽ سخت، پر اندر سفيد ۽ نرم ڪنهن پهتل روح جيان، انجو سواد ڪسارو پر منجهس وڏي شفا آهي. چارُ تي ڇاڙهون تي ڦتي ٿي، اُئين جيئن ماڻهوءَ جون چڱايون ٻيءَ سگهہ جي ريت سان ٻُور جهلن ٿيون. اهو حليم سياءَ ۽ نوڙت جو تمونو ۽ اندر جي آنڌ مانڌ جو لپ، پر پوءِ بہ سوچ ۽ لوچ ڪان سِواءِ ٻاهر ويندڙ ڪوبہ رستو ناهي." هو چٺي پڙهي تپرس ۾ پئجي ويو.

جڏهن نبن فقير چٺيءَ جو پهريون ڀاڱو پڙهيو تہ ڪِلي ڏنائين ۽ چيائين تہ فقير جي ڪنوار ٻوٽي ايڏي ڪرامت واري آهي." جڏهن پويون ڀاڱو پڙهيائين تہ چيائين "فقير سچ لکيو آهي. مان شال پنهنجي خود غرضي ڪان بچان."

پوءِ هن ڪنوار ٻوٽيءَ جون پاڙون ۽ ڪوڙ ڪِنئي ۽ پوسل واريءَ زمين تي ٻونهين واري چار پلٽائي ڪنوار ٻوٽيءَ جون پاڙون رنبيون ۽ مٿانئن پاڻي هاريندي دل ۾ چيائين:

"اي ڪنوار ٻوٽي تون شال ڏکي انسانيت جي روح جو روڳ چوسي وٺين، تون اڪين جي ڪوساڻ ۽ اڄ اجهائين." نبن فقير پوءِ جبل

مان نڪرندڙ جهرڻي جو ٿڌو ۽ مٺو پاڻي ان ڪنوار ٻوٽي جي طرف لاڙي ڇڏيو.

ٻن فقير کي هيءَ دنيا ڇڏئي ڪو زمانو گذري ويو. فتنن فسادن ۾ اوتارو اجاڙ ٿي ويو. باغ بٺ ۽ وستي ويران ٿي وئي. لٽ مار واري باهه هرشيءِ ساڙي ڇار ڪري ڇڏي. جهرڻي جو صاف ۽ ٿڌو مٺو پاڻي هلندو رهيو. ڪنوار ٻوٽي پوءِ به ٻهڪندي ٽهڪندي وڌندي ۽ ويجهندي رهي. نه ان کي ٻوه جي پارن ساڙيو ۽ نه آهڙ جي لڪن لوساتيو. ننڍڙا پارڙا انهن ٻوٽن جي ٻير ۾ راند رهندا، ڊڪندا ۽ ٽپڪيون ڏيندا وتندا هئا. پارن ڪان ڪنوار ٻوٽيءَ جو نالو وسري ويو هو. هُو ان کي ٻن جون ٽاريون يا 'سڪون جي ڳولا' سڏڻ لڳا.

ڪنهن زماني ڪان پوءِ اتي ڪي نوان ماڻهو آيا ۽ سدا بهار ماتريءَ ۾ جاڏي ڪاڏي پکڙجي ويا. نار چاڙهي زمينون آباد ڪيائون ۽ گندو ڏنڊو يعني پئسو ميڙڻ شروع ڪيائون. ان قوم لوڀ ۽ لالچ ۾ منهن وڌو. ٻن جي ٽارينس کي ڪهاڙين سان ڪپي، مٿن هر هلائي اکوڙي پٽي اتي پئسي پيدا ڪرڻ جا ٻيائي وارا ٻج پوکيا ۽ ٻن جون ٽاريون يا سڪون جي ڳولا" اکڙندي وئي پتجي وئي ۽ سڪندي سڙندي وئي. ٿوري عرصي ڪان پوءِ ان سبز سائي ماتريءَ جو نالو ڪاري ماتري پئجي ويو. ماڻهن جون دليون سخت ٿي ويون ۽ مريادا مري وئي. سندن رڳن ۾ رت جي بدران چاندي ۽ سون دورو ڪرڻ لڳو. نيڻن ۾ نُور نه رهيو، پر اکين مان حياءُ ۽ شرم موڪلائي ويو. تن بدن ۾ نه ٿلها متارا هئا، پر سندن من گهايل هئا. ننڍڙن سهڻن منڙن پارن راند ڪيڏڻ ۽ ٽپڪيون ڏيڻ ڇڏي ڏنيون. سندن ٻاتيون ٻوليون ۽ مائرن جون لوليون ماٺ پئجي ويون. پيار پاٻوه امن ۽ آشتي لڄ، لَڄ سِڪ ۽ ساڃهه لوءِ مان لڏي ڇنون ڇڏي وئي. چنڊ ۽ تارا چاه جا چارا مٽي ويا. هر نئون سج رَتَ جي نئين تلاءَ تي ايريو. هر هٿ ۾ ڏڦا ۽ خنجر ۽ جاتي ڪاتي ترار ايي هئي. جهرڻي جو صاف شفاف ٿڌو مٺو پاڻي مٽجي ڳاڙهو ڏٽيلُ

ڪوڙو ڪسارو ٿي ويو. ڏرتي ماتا سَنڌ تي وئي ۽ اوپڙ ايرڻ ڇڏي ڏنو ۽ ڏک ڏاکڙا ماڻهن جو مقدر بڻجي ويا.

هڪڙيءَ شام جو هڪ رمتو آڏوتي اچي اتي نڪتو، مٿو پير اگهاڙا وار اٽيا هٿ ۾ لٺ ۽ پٺيءَ پاڏئو هڪ هڙ هئس.

هن ماڻهن کان ڪجهه به نه گهريو پر رات رهڻ لاءِ يعني اجهي لاءِ سئن هئين. ماڻهو پنڊ پاهڻ ۽ سندن هيانءَ جڻ چقمق جا پٿر هئا. سياري جا ڏينهن، پوه جا پارا سنهين مينهڻ جي وَسَ ۽ اتر جي گهاڙ هئي. ماڻهن جي ڪنن ۾ ڪيني ۽ ڪروڌ جڙن ڪپاهون ڏپيل هيون، تنهن ڪري هنن ڪجهه به نه ٻڌو.

هڪ اگهي پنگلي ننڍڙي ٻارڙي گيسڙيون ڏئي در تي ٺڪ ٺڪ ٻڌي دروازو کوليو ۽ مٿي منهن ڪري جهوني ڏانهن ڏٺو، جنهنجو مٿو ۽ ڏاڙهي چانورن جي پِٽ جهڙا اڇا هئا. مِينهن ۾ پٻل ۽ سيءَ ۾ ڏڪندڙ ٻار در کان پاسيرو ٿي جهونڙي کي اندر اچڻ لاءِ جاءِ ڏني.

"اگها پنگلا ٻارڙا تون ڪير آهين؟"

"مان نئون نسل آهيان".

"گهر ۾ توسان ٻيو ڪير آهي؟"

"مان اڪيلو ۽ لاوارث رهجي ويو آهيان."

ڏاڏڙا تون ڪير آهين؟"

"ٻچا مان وقت آهيان."

"منهنجو ساٿ ڏيندين؟"

"ٻچا مان هر نواڻِ لاءِ زنده آهيان."

"پوءِ تون ڪراڙو ڇو آهين؟"

"انهيءَ لاءِ جو مان آد جڳاد به آهيان."

پوءِ ان جهونڙي پنهنجي لٺ ٻارڙي تي گهمائي، ته اهو ڇڱو ڀلو ٿي ويو ۽ ڪيس ڇيچ کان وٺي اڏائي اچي ڪيس ان چشمي جي مَنهن وٽ لاٿو ۽ چيائين:

”هان هي لٽ وٽ، هن ۾ ڪائنات جو راز اٿئي.“

چوڪري اها لٽ ورتي تہ ڪانئس پگهر نڪري آيو. چوڪري واڙو تي ڪانئس پڇيو.

”هيڏي سياري پوهہ پاري ۾ مينهن جي ڦوار ۽ اتر جي گهاڙ ۾ پگهر!“

”اِها لڳاتار جاکوڙ ۽ جتَن جي نشاني آهي اِها لٽ جهرٽي واري پاڻيءَ ۾ هڻ.“

چوڪري پاڻيءَ ۾ لٽ هئين تہ اهو تڏو شفاف منو تي پيو.

”هيءَ هڙَ تنهنجي پنيءَ تي ڇا جي آهي“. ٻارڙي ڪانئس پڇيو.

”هن ۾ نبن جون تاريون يعني سڪون جي ڳولا آهي. هن ۾ ٻارڙن جون ٻوليون پکين جون لاتيون ۽ مائرن جون لوليون آهن، اهو تنهنجو آئيندو آهي، هان هي ٻہ وٽ.“ هن ٻارڙي کي هڙ ڏيندي ڪراڙي چيو. ٻارڙي هڙ ورتي ۽ جهونڙي ڏانهن نهاريو تہ اتي ڪجهہ ٻہ ڪونہ هو. پوءِ هن لٽ هٿ ۾ ڪري هڙ پنيءَ تي رکي ڪاري واديءَ ۾ وڃي نبن جون تاريون پوکيون. ٻارن جي ٻولين پکين جي لاتين ۽ مائن جي لولين کي ڇوڙي ڇڏيو.

صبح جو ڪاري ماتري سائي ٻڇي وئي هئي. ٻارڙن جون ٻوليون مائرن جُون لوليون ۽ پکيئڙن جون منيون لاتيون شروع ٿي ويون ۽ پوءِ سڄو جڳ جنت ٻڻجي ويو.

وينجهار ۽ اجگر

ڪولاچي جي ڪُن ڪان وٺي پارِي ننگر تائين ۽ رني ڪوٽ ڪان وٺي ڀهمڻ واءِ تائين سڄي علائقي ۾ ٿرٽلو متل هو. هڪ بلا پٿريلي ساموندي ڪنارن ۽ سرسبز ماترين ۾ اچي ديرو دمايو هو. هوءَ جڏهن ساهه ڪڍندي هئي تہ باهہ جا اُمڙ سندس وات مان ڪرندا هئا، جنهن ڪري گل گلزاريون وِي ولهار سڙي خاڪ ٿي ويا هئا. هن اجگر جو مٿو ۽ چنبا شينهن جهڙا، ڌڙ ٻڪري جو ۽ پڇ نانگ جو هو، جيڪو شڪار ڦاسائڻ وقت ڪم آڻيندي هئي. هن ڪان ڪابہ شيءِ محفوظ ڪانہ هئي. رڍُون ڏڳا، مينهون، ماڻهو، جبل ۾ پنهنجي غار ڏانهن ڪڍي ويندي هئي ۽ ڪين ڪائي ڇڏيندي هئي.

ويچارا هاري ناري ڪڙمي ڪاسبي جڏهن بلا متعلق ٻڌندا هئا تہ پڻ پڻ ڪري چوندا هئا، "ڏوُ ڏانُ اجگر، ۽ هو پنهنجن ڳچين ۾ پاتل نظر ڪان بچڻ لاءِ تائتن ۾ چنيڙي پوندا هئا. اگهم ڪوٽ جو لال بادشاهہ اوجاڳا ڪيي راتيون گذاريندو هو.

پر جڏهن هڪ پرديسي ماڻهو سندس ڇاتي ٻکر جي بادشاهہ ڪامرُوپ جا خط ڪڍي وٽس آيو تہ سڀ چنتائون ڏور ڪري سندس شاهي آڏرياءُ ڪيو ۽ ساندهہ نوَ ڏينهن سندس دعوت ڪئي ۽ نوَ ڏڳا ڪٺا. ڏهين ڏينهن ٻاڪ ڦٽيءَ جو لال بادشاهہ پنهنجي ڇاتي ڪامروپ ڪان آيل خط پڙهيا تہ انهن ۾ لکيل هو، "خط آڻيندڙ منهنجو دشمن آهي، ڪيس مارائي ڇڏيندا". بادشاهہ سوچ ۾ پئجي ويو ۽ خط تي آڱرين جي پورن سان ٺڪ ٺڪ ڪرڻ لڳو. هن ڪي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي ۽ پرديسي کي گهرائڻ لاءِ ماڻهو موڪليائين جنهنجو نالو

وينجهار هو.

”تنهنجي بادشاهہ لکيو آهي تہ تون اڳين بهادرن وانگر هڪ دلير شخص آهين، تون منهنجي ملڪ کي ڏوڏان بلا جي ظلم کان آجو ڪندين“ لال بادشاهہ عجيب نموني ڪلندي ڪيس چيو. وينجهار سمجهيو تہ بادشاهہ ڪامروپ جو خط ڪانئس جان ڇڏائڻ لاءِ لکيل آهي. هنکي ڏوڏان اجگر کي مارڻ جي ڪابہ اميد آسرو ڪونہ هو. پر هن دلير انسان وارو موت پئي چاهيو تنهن ڪري پنهنجو منهن مٿي ڪري چيائين، ”هائو، مان ماريندس.“

ان رات وينجهار هڪ ڏاهي ماڻهوءَ جي چوڻ تي ناٿي فقير جي ڏيوريءَ ۾ سمهي پيو. چنڊ ابريو تہ چانڊوڪيءَ ۾ هرچيز چمڪڻ ۽ چلڪڻ لڳي. هُو پاڻهن ورائي ڪٿو ڪنڌ هيٺان ڏئي سمهي پيو. ڪيس محسوس ٿيو تہ جيئن ڪيس ننڊ آئي هڪ عورت ڏانهنس ڪسڪندي آئي. چانڊوڪيءَ ۾ اها عورت ڪيس هڪ وڏي ٿلهہ جيتري وڏي نظر آئي، جنهنکي قيمتي ڪپڙا ۽ سون جو سينابند اوڍيل هو. ”ڇا، تون ننڊ آهين وينجهار؟ تون جاڳ ۽ ٻڌ، پدم نالي اڏامندڙ گهوڙي کي وڃي وٺ. هو لکيءَ جي چشمن تي پاڻي پيئڻ لاءِ لهندو آهي. هي لغام اٿيئي ان کي هي لغام وجهہ ۽ هيءَ مُڇي سندس ڏندن جي وچان ڏي. پوءِ توکي هو ڏوڏان اجگر ڏانهن ڪٺي هلندو، توڙي جو ڪنهن بہ ماڻهو مٿس سواري ڪانہ ڪئي آهي.“ ان عورت لغام ۽ لغام جي مُڇي هنجي پرسان رکي، جيڪا ڪچي سون مان جڙيل هئي. وينجهار ڏٺو تہ ان خوبصورت عورت جون اکيون وڏيون ڇيرويون، ڪاريون ۽ چمڪدار هيون.

وينجهار سوچيو تہ ڪا ديوي سندس مدد لاءِ پهتي آهي. جڏهن جاڳيو تہ تڏي هوا گهلي رهي هئي ۽ ڏٺئہ ناٿو فقير جي ڏيوري کي ڍڪي ڇڏيو هو. چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ خوبصورت ديويءَ جو چهرو جهيٺو پئجي چڪو هو. هن سڄيءَ ڳالهہ کي هڪ خواب سمجهيو هو، پر جڏهن هن پاسو بدلايو تہ ڪا شيءِ پٿرن کي لڳي

ڪڙڪي پئي. هن ڏٺو تہ سندس پرسان لغام ۾ لغام جي مڇي رکي هئي.

ان ڏينهن شام جو، لغام هٿ ۾ ڪري هن وڻي لڪي وارن چشمن ڏانهن ڊوڙ ڪئي. چشمن وٽ پهتو ئي مس تہ هن مٿان پرن جو ڦڙڪو ٻڌو ۽ پوءِ هن انهن پرن کي گهوڙي جي چمڪندڙ پاسن سان لڳندو ڏٺو ۽ گهوڙي هيٺ لهي چشمن مان پاڻي پيئڻ لاءِ منهن پاڻيءَ ۾ وڌو ۽ پنهنجي چانديءَ جهڙي عڪس وٽان پاڻي پيئڻ لڳو. وينجهار لِڪڻ واري جاءِ مان آهستي ٻاهر نڪتو، پر ان کان اڳ ئي گهوڙي کي ماڻهوءَ جي بوءِ جو احساس ٿي چڪو هو. نڪ کولي فرڙاٽ ڪندي هو اڳيان پير پٿرن تي هٽي دڙها هڻڻ لڳو تہ پٿرن مان چڻنگون نڪرڻ لڳيون.

”پدم“ وينجهار آهستي گهوڙي کيٰ سڏ ڪيو ۽ اڳتي وڌي ڪيس چيو ”پدم مان تنهنجي لاءِ لغام سوني مُڇيءَ سان کڻي آيو آهيان.“ گهوڙو لغام ڏسي هڪدم بيهي رهيو ۽ ماٺ ٿي ويو ۽ ڪنڌ هيٺ ڍاري چڏيائين تہ جئين وينحهار ان جي وات تي لغام ڏئي سگهي. پوءِ وينجهار ٽپ ڏئي اڏامندڙ گهوڙي تي چڙهي وينو ۽ چيائينس ”پدم هاٿي ڏوڏان اجگر کي ڳولي مارڻو آهي.“ پوءِ وينجهار کي احساس ٿيو تہ هو ڪو وڏي اعليٰ شان وارو انسان ٿي ويو آهي. گهوڙي جا سفيد پر سندس مٿان سفيد ڪڪرن وانگي کلي پيا ۽ گهوڙو آهستي آهستي مٿي آسمان ڏانهن اڏامڻ لڳو. جڏهن هڪ هڪ ڪري رات جا تارا سندس چوڌاري مڙڻ لڳا ۽ طوفان سندس ڪنن ۾ گهوگهاٽ ڪرڻ لڳا ۽ سندس ڪلهن تي رکيل ڪٽو هوا ۾ پرجي زيل ٿي ويو تہ سندس دل ۾ خوشيءَ وارو احساس جاڳيو ۽ پنهنجي گوڏن سان گهوڙي جا لسا ۽ چمڪندڙ پاسا قابو ڪري خوشي مان راڳ ڳائڻ لڳو.

ٿوري وقت ۾ ڪولاچيءَ جي ڪُن کان وٺي پاري ننگر تائين ۽ رني ڪوٽ کان وٺي ڀهمڻ واءِ تائين هن ڪٽڪ، رايون، چانيا، چڻا، مٽر سڀ فصل سڙي رک ٿيل ڏٺا، جيڪي ڏوڏان اجگر ساهہ کڻي ساڙي

ڇڏيا هئا. پدم ۽ وينجهار ڦيرو هڻندا هيٺ لهندا ويا. وينجهار اوچتو هڪل ڪئي ڇاڪاڻ تہ هن ڏوڏان اجگر کي پنهنجي غار جي پرسان جُڪ هڻي ويٺل ڏٺو هو ۽ هُو ان وقت هڪ ڍڳي کي پٽي رهڙي ڪائي رهيو هو. ڏوڏان اجگر، آسمان ۾ پرن جي اڏامڻ واري آواز کي ڪنائي مٿي نهاريو. جڏهن هن گهوڙي ۽ گهوڙيسوار کي پنهنجي مُٿان ڏٺو تہ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۾ پرجي هن وٺي گجگوڙ ڪئي تہ سندس ڪليل وات مان دونهين جا ڪڪر ۽ باهہ جون ڇپيون نڪرنديون نظرِ آيون. ان جي گرميءَ ۾ ڪوبہ ساهوارو زنده رهي ڪونہ سگهي ها. پر اڏامندڙ گهوڙي پنهنجي سڀ طاقت گڏي عقاب وانگي لامارو ڏئي پنهنجي شڪار تي جهٽ هنيو. جيئن گهوڙي هيٺ ٽپي ڏني، تہ وينجهار وڏيءَ طاقت سان شڪاري ڏڦو اجگر کي اڇلائي هينو، جيڪو ڏوڏان اجگر جي سيني ۾ کُپي ويو. ڏڦو سندس ڏيل ڏاري ڇڪو هو. پدم پکيءَ وانگر هڪدم ڦڙڪو ڪائي دونهي جي ڪڪرن ۽ شعلن مان مٿي صاف هواءَ ۾ نڪري ويو. هن وري ٽپي ڏني، هن وقت وينجهار پنهنجي تيز تلوار کي ڦيرائي ڏوڏان اجگر کي اهڙو ڏڪ هنيو جو سندس سسي ڌڙ کان ڌار ٿي وئي. ۽ سندس نانگ جهڙو پڇ لڪڻ وانگر وراڪا ڏئي ڪاريءَ سڙيل ڌرتيءَ تي هميشہ لاءِ ڪري پيو ۽ لال بادشاهہ جي ملڪ جا ماڻهو اجگر جي آزار کان هميشہ لاءِ آجا ٿي ويا.

جڏهن لال بادشاهہ کي پتو پيو تہ وينجهار اجگر کي ماري ناس ڪري اڏامندڙ گهوڙي تي سوار ٿي واپس اچي رهيو آهي ۽ ڏوڏان اجگر جو سر بہ کنيو ٿو اچي، تہ هن سمجهيو تہ قدرت ساڻس مددگار آهي. پر پوءِ لال بادشاهہ بہ ڊڄڻ لڳو. ڇاڪاڻ تہ هن ڪيس بلا کي مارڻ لاءِ موڪلي ڇڻ خود وينجهار کي مارڻ جو منصوبو بنايو هو. سو هن پنهنجي ڌيءُ جو سگنُ ۽ اڌ بادشاهي جو وينجهار کي ڏئي دل جي هَٺ کَٽ لاٿي.

وينجهار هينئر حڪمران بنجي ويو حڪومت جي نشي ۾

سخت دل ٿي ويو ۽ منجهائس ماٺهپو نڪري ويو. پنهنجي بهادري ۽ طاقت تي غرور ڪري ظلم ڪرڻ لڳو.

هڪ ڏينهن ڇا ٿيو جو جئين هو پڻ گهوڙي تي چڙهيو آسمان ۾ اڏاڻو پئي ويو، تہ سندس دماغ ۾ گهمنڊ ۽ غرور جو واسو هو. اوچتو هڪ ڪتي مک وچي گهوڙي کي چڪ وڌو تہ گهوڙي کي ڏاڍو ايذاءُ آيو. گهوڙي مچرجي اُپري مٿي دڙها هنيا ۽ سوار مان جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي. وينجهار پاڻ جهلي ڪونہ سگهيو ۽ مٿان آسمان تان هيٺ زمين تي ڪري پيو. سندس آخري ڏينهن ڏاڍا ڏکيا گذريا، ڇاڪاڻ تہ هو هنيئر هڪ انڌو منڊو ۽ جهور پوڙهو ٿي چڪو هو.

انڌي لالچ

ڳالهہ ڪندا اهن تہ ڪنهن زماني ۾ سيوهڻ جي بادشاهہ وٽ هڪ جنڊ هو. ظاهري طور ڏسڻ ۾ ٻين جنڊن جهڙو جنڊ هو، جنهن تي عام طور ان پيٺو ويندو آهي، پر اهو حقيقت ۾ اهو عام رواجي جنڊ نہ هو هيءُ جنڊ اهو ڪجهہ پيهندو هو، جيڪو پيهندڙ ڪيس پيهڻ لاءِ چوندو هو. جيڪڏهن ان کي سون چاندي هيرا جواهر پيهڻ لاءِ چئبو هو ۽ هٿئي کي ڦيرائيندو ويجبو هو، تہ جنڊ مان اٽي جي بجاءِ سون چاندي هيرا جواهر نڪرندا ويندا هئا. ۽ جيڪڏهن انڻ لبي شين جهڙوڪ پيار محبت امن آشتي لاءِ چئبو هوس تہ پيار محبت امن ۽ آشتي جا انبار لڳي ويندا هئا. سو ان چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونهي، تہ بادشاه جا سڀ مال خزانا مڏيون ۽ ملڪيتون ان جنڊ جي ملهہ جيترا ڪونہ هئا.

اهو جنڊ وڏو قيمتي ثابت ٿئي ها، جيڪڏهن ان کي استعمال ۾ آڻي سگهجي ها. پر جنڊ جا ٻئي پڙ ڏاڍا ڳورا هئا ۽ سڄي ملڪ ۾ اهڙو ڪو ماڻهو ڪونہ ٿي سُجهيو جيڪو جنڊ کي هٿئي کان ونئي ڦيرائي سگهي.

جيئن جيئن بادشاهہ هن جنڊ جي خاصيت ڏانهن ڏيان ڏيڻ لڳو تيئن تيئن هُو جنڊ استعمال ڪرڻ لاءِ سوچڻ ويچارڻ لڳو.

هن پنهنجي سڄي ملڪ ۾ اتر ڪان ڏکڻ اولهہ ڪان اوڀر ماڻهو ڊوڙايا ۽ پڙها گهمرايا اعلان ۽ فرمان جاري ڪيا، تہ جيڪو ماڻهو هيءُ جنڊ پيهي سگهندو، تنهن کي روزانو رتڙن جو ٿالهہ ملندو. پر ڪوبہ ماڻهو پاڻ ۾ پوتو پائين ڪونہ سگهيو.

هڪ ڏينهن سيوهڻ جو بادشاهہ بکرجي بادشاهہ جي دعوت تي

ان وٺ ويو. اتي سيوهڻ جي بادشاهہ جي ڪَن اها ڳالهہ پئي تہ ڪنهن جنگ ۾ بکر جي بادشاهہ کي ٻہ ٻانهيون هٿ آيون آهن، جيڪي ڏاڍيون بهادر آهن. جن جو قد ۽ هڏ ڪاٺ عام رواجي انسان کان گهڻو وڏو آهي. سيوهڻ جي بادشاهہ اهي ٻانهيون ڏسڻ جي خواهش ڪئي.

اهي ٻانهيون سيوهڻ جي بادشاهہ جي روبرو آنديون ويون. بادشاهہ کين ڏٺو تہ بادشاهہ کي جنڊ پيهارائڻ جو شوق رهندو بہ وڌي ويو. انهن ٻنهي ٻانهين جو قد اٺ فوٽ هو سندن سينو سيوهڻ جي بادشاهہ جي جنگي جوڌن جي سينن کان گهڻو موڪرو هو. سندن مشڪون ۾ پنا تلهين تارن جيان ٻاهر نڪتل هئا. نيزي بازيءَ يا پڇري ڪٽڻ ۾ ساٺن ڪير بہ مقابلو ڪري ڪونہ ٿي سگهيو. هڪ جو نالو لاڏلي ۽ ٻي جو نالو لاڏلي هو. بادشاهہ کي پڪ پئجي وئي تہ سندس عجيب غريب جنڊ جيڪڏهن ڪو پيهي سگهي ٿو تہ اهي ٻئي ٻانهيون ڇوڪريون پيهي سگهن ٿيون باقي ٻيو ڪوبہ پينهي ڪونہ سگهندو.

”مان هيءَ ٻانهيون خريد ڪندس“ بادشاهہ چيو.

جيستائين بادشاهہ سندن بها ادا ڪرڻ لاءِ غينيون ڳڻيندو رهيو تيستائين اهي ڇوڪريون ٻانهون ٻڌيون ۽ سر جهڪايون بيٺيون رهيون. اهي ٻانهيون مُلهہ ڏئي ڳڌيون ويون هيون ۽ هاڻي ملهہ وٺي کين وڪيو پئي ويو. سيوهڻ جي بادشاهہ کي اها پرواهہ ڪانہ هئي تہ سندن پيءُ ڪير هو ۽ بکر جي راڄڌاني ۾ ڪيئن اچي پهتيون هيون.

”ماڏلي ۽ لاڏلي پينهو“ سيوهڻ جي بادشاہ کين چيو، ”ڏسان تہ اوهان ۾ چنڊ پيهڻ جي ڪيتري طاقت آهي.“ ٻنهي عورتن جنڊ جي پڙن کي سولائي سان مٿي کينو، ائين لڳو تہ ڄڻ هنن ڪئين ننڍڙيون پٿريون مٿي ڪٽي ورتيون.

”اسان کي ڇا پيهڻو آهي“ هنن پڇيو.

”سون، رڳو سون، جنهن مان بادشاهہ جي روح کي سڪون ملندو. دولت، سون“ بادشاهہ کين چيو.

سون.... سون... سون.... سون ئي سون.... جاڏي ڏس تاڏي سون.
سڄي ڌرتي سون سان پرجي وئي. بادشاهه جي محلات ۾ سون ماڻهن جا گهر گهاٽ سون. ملڪ ۾ ڪوبه غريب نه رهيو. گهٽين چوسولن ۾ ڪو پينو نه رهيو. ڪو اگهاڙن پيرن ليڙن لٽن وارو ڪونه رهيو. اها سڄي برڪت هن جنڊ جي ڪري پئي هئي. امن ئي امن سڄي راڄڌاني ۾ امن ٿي ويو. انهن ملڪن ۾ به امن ٿي ويو. جاٽي جاٽي سيوهڻ جي بادشاهه جو نالو پهتو ٿي. ڏکڻ اتر اولهه اوڀر سڀ ماڻهو سيوهڻ جي بادشاهي جي امن جون مثالي ڳالهيون ڪري رهيا هئا. اهي سڀ مهربانيون ان جنڊ جون هيون.

جيڏانهن ڪيڏانهن دولت ئي دولت، پکڙجي وئي. ساون کيتن ۾ انن جا انبار لڳي ويا. وڻ، ميون سان جنجهي هيٺ زمين تي لمڪي پيا. نيڙن نهرن ۽ درياهن ۾ پاڻي جي ڪوٽ ڪانه هئي. ملڪ جا پيڙا واپار ڪري موٽيا ته دولت سان مالا مال ٿي وطن وريا. سيوهڻ جي ڌرتيءَ تي ڄڻ ڀاڳ ۽ بخت جي وراڻ ٿي هئي.

”پينهنديون رهو، پينهنديون رهو، ماڏلي ۽ لاڏلي، منهنجي بخت وراڻ ڪئي آهي.“ بادشاهه چيو. پئي ٻانهيون هر وقت پينهڻ ۾ رڌل رهيون.

”بادشاهه سلامت اسان ڪهڙي وقت آرام ڪريون، رات ڏينهن پينهڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي“ ٻنهي بادشاهه کي عرض ڪيو.

”اوهان ايترو آرام ڪري سگهو ٿيون، جيترو ڪوئل چيٽ جي رُت ۾ خاموش وهندي آهي.“

”چيٽ جي چگڙيءَ رُت ۾ ته ڪوئل چپ ڪري وهندي ئي ڪانهي، ان جي اها معنيٰ ٿي ته اسان آرام نه ڪريون.“ ماڏليءَ ۽ لاڏليءَ چيو.

”فقط ايتري دير جيتري دير ۾ گيت جي هڪ سٽ ڳائي وڃي، ان کان وڌيڪ نه“ بادشاه وراڻيو.

"اهو وقت تہ تمام تورو آهي." مباڏليءَ لاڏليءَ چيو.
ويچاريون مجبور پينهنديون رهيون، تان جو سندن ٻانهون ٽڪجي شل ٿي پيون ۽ سندن اکيون ڳوڙيون ٿي ويون. انهن وري رڙ ڪئي تہ "اسان کي ڪجهہ آرام ڪرڻ ڏي بادشاهہ سلامت."
پر بادشاهہ کين وري بہ اهو جواب ڏنو، "هڪ گيت جي هڪ سٽ ڳائڻ جيترو، يا چيٽ ۾ ڪوئل اچي خاموش رهڻ جيترو وقت اوهان آرام ڪري سگهو ٿيون." هن سون ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو ۽ گهٽيءَ دولت سندس دل پڪي ڪري ڇڏي هئي.
ماڏلي ۽ لاڏلي پيهنديون رهيون. سندن ٿڪ ۽ ڪمزوري وڌندا ويا ۽ آخرڪار انهن ڳالهايو.
"بادشاهہ تون سياڻو ناهين وڏو لالچي آهين، تو اسان کي انهيءَ ڪري خريد ڪيو هو، جو اسان ٻين ٻانهين ۽ غلامن کان وڌيڪ قداور ۽ مضبوط سخت جان ۽ بارگير آهيون ۽ سخت کان سخت ڪم ڪري پيون سگهيون سي". ماڏليءَ چيو.
لاڏليءَ چيو: "اسان جبل جي جن جي نسل مان نہ آهيون ڇا؟ جيڪڏهن اسان کي خبر نہ هجي ها تہ اسان جو نسل ڪهڙو آهي تہ ڪڏهن بہ اسان اهڙو سخت پورهيو ڪونہ ڪريون ها. اسان پورا نَو سيارا پوه جا پارا ڀرپور طاقت وارا ڪرتب ۽ ساندهہ نَوَ سيارا پره جا پارا تمام ڏکين ڪمن ڪرڻ ۾ گذاريا. اسان هيٺ ڌرتيءَ ۾ پيهي سخت ۽ ڏکيا ڪم ڪيا ۽ اسان ۾ ايترو ٻل پيدا ٿيو جو اسان جبل کي ٻانڌون پٽي پئي سگهيون سون. بادشاهہ تون هرگز سياڻو ڪونہ آهين."
ماڏليءَ چيو:
"سچ پچ اسان سگهاريون ۽ طاقتور آهيون. اسان سان ڪوبہ مقابلو نہ تو ڪري سگهي، اسان بهادر آهيون. اسان جو سچو وقت جهنگلي رڇن کي سيکارڻ ۾ گذريو، جيئن اهي اسان جي هٿن ۾ چڪ پائن ۽ اسان انهن سان مقابلا ڪريون .اسان وڏن جنگي جوڌن سان

جنگيون ڪري سوِيون ماٺيون. اسان هاٿي پانهيون آهيون. اسان کي ڏور آئيندي جي سڌ ۽ سونجهه پوي ٿي. بادشاهه تون ڏاهو نه آهين توکي خبر ناهي ته اسان کي ڪيڏي طاقت آهي."

پر بادشاهه سندن ڳالهيون ٻڌيون اڻ ٻڌيون ڪري ڇڏيون. هو منڙيءَ ننڊ ۾ آرامي هوندو هو ۽ جنڊ پيو هلندو هو.

"بادشاهه کي اسان جي طاقت جي ڪل ڪانهي نه ته جيڪر اسان کي پنهنجي محلات ۾ آڻي هيئن جُنِ نه ڪري ها. هتي ڪنهنکي به اسان لاءِ رحم ڪونهي. اسان لاءِ ڪنهن کي به پاڃهه ڪانهي ۽ هواءِ به اسان جون ڇاتيون ٿي ڪُٽي. جنهن ڌرتيءَ مٿان اسان جا پير آهن، سابه ڪنور ٿي وئي آهي. پاري اسان جا پير سڪائي نڪر ڪري ڇڏيا آهن." ماڏليءَ چيو.

لاڏليءَ چيو: "اسان مُدت کان وٺي روهه ڇڪيو آهي، پر ڪير به رحم ڪرڻ وارو ڪونهي. اسان ڇو ان جو پلو ڇاهيون اسان سان هرڪو برائي ڪري رهيو آهي. اسان جيڪو ڇاهيو سين اهوئي پيهنيو سين، اڄ ته هاٿي ڪانئس پلاند ڪريون."

پوءِ ماڏليءَ جنڊ جي هٿئي کي تيزيءَ ڦيرايو ۽ سخت ۽ عجيب آواز ڳائڻ شروع ڪيو.

مان ته ڏسان ٿي لک هزار
جنگي جوڏن جو نه شمار
جُنگ جهازن تي ته سوار
هر هڪ هٿ ۾ آه ترار
راتا جو ڪي ٿا چئن آهن
تا ٿي پئي ڪنهن ترٽا ناهن
ڪين پڌا ئج پيهون چالاءِ
ڳاڏو ڳپ مان ڳيهون چا لاءِ
وڙهندا جهڙندا باهيون ڏيندا

ڪا شيءِ هتڙي ڪونہ ڇڏيندا.

لاڏليءَ آڌيءَ رات جو گجگوڙ ڪري هواءَ ۾ چيو:

"بادشاهہ .... او بادشاهہ ٻڌ... اسان هيترو ٿڪ سهي ڪونہ ٿيون سگهون. اسان تي رحم ڪر آرام ڪرڻ جي اجازت ڏي"

ماڏليءَ چيو:" هو ڪونہ ٻڌندو. هن کي اسان جي سورن سختين جي ڪا پرواهہ ڪانهي.

وري لاڏليءَ دانهن ڪري چيو: "بادشاهہ جاڳ، خطري جو نشان پيڙڪي جهڙڪي تو تباهي ويجهڙي آهي" پر پوءِ بہ بادشاهہ سمهيو رهيو.

"بادشاهہ، دشمن جا جهاز سمنڊ تان ترندا، هاڪاريندا پيا اچن، جنون جن اچي رهيو آهي، جنگي ٻيڙن جا سڙهہ هواءَ ۾ جهومن ٿا پيا. ڪليل ڦريرا ڦڙڪن ٿا پيا ...... جاڳ بادشاهہ .... هاڻي تون بادشاهہ رهندين ئي ڪونہ".

اهي جن عورتون تڪوتڪو پينهي رهيون هيون. پورهيو ڪندي ۾ هڪ خطرناڪ گيت ڳائي رهيون هيون، جيئن چئي رهيون هيون، ائين ئي ٿي رهيو هو. اهي بادشاه جي لاءِ بدلو پينهي رهيون هيون ۽ دشمن کي مٿانس حملي لاءِ وٺي اچي رهيون هيون.

هو پيهنديون رهيون، پيهنديون رهيون. تان جو دشمن جا ٻيڙا اچي ڪناري تي پهتا. پوءِ هو هلندا هلندا اچي محلات جي ڦاٽڪ وٽ پهتا. ان وقت بہ ماڏلي ۽ لاڏلي جنڊ پيهي رهيون هيون ۽ گهٽي ڪان گهڻا جوڌا جوان سڏي رهيون هيون، جيئن حملي آورن کي امداد ڏئي سگهن.

قلعدارن دانهون ڪري هٿيار بند ٿيڻ لاءِ چيو، پر ان وقت دير ٿي چڪي هئي. ڇو تہ اها فوج جيڪا ماڏلي ۽ لاڏليءَ آندي هئي تنهنجو مقابلو ڪرڻ ڏاڍو مشڪل هو. نيٺ لشڪر اچي ويو. سخت جنگ لڳي، پر اها جنگ گهڻو وقت ڪانہ هلي. بادشاه ۽ سندس ماڻهو ڏاڍو وڙهيا پر سمنڊ جو بادشاه ۽ سندس مددگار وڏيڪ سگهارا هئا، ڇو تہ ٻئي

جن عورتون جنڊ جي هٽئي کي تکو تکو ڦيرائي رهيون هيون، نيٺ جنڊ هيٺ ڪري پيو. ان ئي وير بادشاھ ڪري پيو ۽ مري ويو ۽ جنگ بند ٿي وئي. جيڪا فوج ماڏلي ۽ لاڏليءَ آندي هئي، سا بہ هڪدم گم ٿي وئي باقي جَنو جن اتي رهجي ويو.

جَنو جن پنهنجا جهاز دولت سان ڀري ماڏليءَ لاڏليءَ سان ڪري جنڊ ڪنيون هليو ويو. پر افسوس جو جنو جن بادشاه کان وڏيڪ سياڻو ڪونہ هو، ڪيس سون جي تہ ضرورت ڪانہ هئي، پر ڪيس ٻي شيءِ جي ضرورت هئي، جيڪاهن لاءِ ان وقت سون کان وڏيڪ اهم هئي.

سندس لوڻ کٽي ويو هو. ڪيس ان جي ضرورت هئي. سو هن چيو تہ لوڻ پينهو، سچو ڏينهن ماڏلي ۽ لاڏلي لوڻ پيهنديون رهيون. آڌيءَ رات جو هن سڏ ڪري چيو تہ لوڻ اجا ڪافي نہ ٿيو آهي؟

"اجا بہ پينهو" جَنو جن رڙ ڪري چيو.

پوءِ اهي پيهنديون رهيون پيهنديون رهيون، تان جو جهاز تي لوڻ ايترو ججهو ٿي ويو، جو جهاز بار کان پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويو، لوڻ بہ ٻڏي ويو. جَنو جن ۽ سندس ماٺهو ٻڏي ويا.

جنهن جاءِ تي جنڊ پاڻي ۾ ٻڏو، اتي ڪُن ٿي ويو ۽ ان ڪروڙ جي ڪري سمنڊ جو پاڻي کارو ٿي ويو، جيڪو اجا تائين کارو آهي.

مگهان ۽ ديوُ

ٻالهہ ڪندا آهن تہ ڪنهن شهر ۾ هڪ غريب ڪاٺير رهندو هو، جنهن کي تمام گهڻا ٻار هئا. ويچارو سڄو ڏينهن پيو پورهيو ڪندو هو، پر ان هوندي بہ ويچارا ويلن جا ويلا بک تي وينا هوندا هئا. هڪ ڏينهن هن پنهنجن ٽن ٻارن کي سڏ ڪيو، کين چيائين تہ هلو تہ توهان کي سير ڪرائي اچان. هلندي هلندي جهنگ ۾ پهتو. مانيءَ ٽڪر ۽ ڳڙ ڏرو ڏئي کين اتي ڦٽو ڪري آيو.

جڏهن ويچارن جو مانيءَ ٽڪر ۽ ڳڙ کٽو تہ ويچارا اچي پنڌ پيا. هلي هلي ويچارا هچي پيا رات تي چڪي هئي، هنن وڻن جي وچان روشنيءَ جا ڪرڻا ڏٺا. اها روشني ڪنهن گهر جي دريءَ مان اچي رهي هئي. انهن مان منگهان سڀني کان ننڍي هئي. پر هوءَ ڦڙت ۽ چالاڪ هئي هوءَ اوڏانهن وئي ۽ وڃي دروازي تي ٺڪ ٺڪ ڪيائين. هڪ عورت دروازي وٽ آئي، ڪائنس پڇيائين تہ ڇو آئين آهين؟ توهان کي ڇا گهرجي؟

"اسان کي ڪجهہ کائڻ لاءِ کپي." منگهان ڪيس چيو.

"کائڻ لاءِ؟ ڇا تي چئين؟... کائڻ لاءِ، منهنجو مڙس ديو آهي، هو تہ توهان کي ڏسڻ شرط کائي ڇڏيندو." ان عورت وراڻيو.

پر ٻارڙا، ويچارا جيئن تہ ڏاڍا ٿڪل ۽ بکايل هئا، تنهن ڪري عورت کي ٽڪر ڏيي لاءِ ٻاڏائي رهيا هئا ۽ کيس ايلاز منٿون ڪري رهيا هئا، تہ کين اندر اچڻ جي اجازت ڏني وڃي. ڇوتہ هُو گهڻو ٿڪل ۽ بکايل هئا.

آخرڪار عورت کين اندر اچڻ ڏنو ۽ ٻارڙا اچي چُلهہ تي هڪ

ڪاٺ جي دابڙيءَ تي ويٺا. ان عورت ڪين ماني ۽ کير کائڻ لاءِ ڏنو. اڃا ماني ڪاڌائون مس تہ در تي ٺڪ ٺڪ ٿي. ديو جي اچڻ جو وقت هو ۽ هو اندر هليو آيو.

"ا... ها..... اڄ اسان وٽ هي ڪير آيا آهن." هن ٻارن ڏانهن تيڏيءَ اک سان ڏسندي زال کان پڇيو.

اهي ٽي ٻار، ٿڌ ۾ سيڪاٽيل بک ۾ ٻاهر ۽ ويچارا نڌڻڪا آهن. هنن جو ڪو ڏٺي سائين ڪونهي." سندس زال وراڻيو.

ديو ڪجهہ بہ ڪونہ ڪڇيو. پر مانيءَ جي گره گرهہ سان انهن ڏانهن ڏسي رهيو هو.

ان ديو کي ٽي ڌيئر هيون. ديو جي زال انهن ڇهن ئي کي هڪ ئي بستري ۾ سمهاري ڇڏيو. انهيءَ لاءِ تہ جئين ٽئي ويچارا محفوظ رهي سگهن. ديو سمهڻ کان اڳ پنهنجي ڌيئرن جي ڳچين ۾ ٽي سنها زنجير وجهي ڇڏيا ۽ ڀين ٽن ٻارن کي سون جون تندون وجهي ڇڏيون. ڀين کي تہ جهٽ پٽ ننڊ اچي وئي پر منگهان جاڳي رهي هئي ۽ هيڏي هوڏي ڏسي رهي هئي. هوءَ چپ چاپ ڪري اٿي آهستي آهستي سرڪي وڃي سون جون تندون لاهي ديو جي ڌيئرن کي ٻارايون ۽ ٻاڻ ۽ پنهنجي ڀيڻ جي ڳچي ۾ سون جون زنجيرون وجهي ڇڏيون.

آڌيءَ رات جو ديوُ پير پير ۾ ٻائي ڪمريءَ ۾ آيو ۽ سونن تندن ڀاتل ٻارن کي ڪٺي هيٺ ويو ۽ ڪين وڏي گوندي ۾ واڙي ڇڏيائين.

واهہ جو شڪار هٿ لڳو آهي! اوهان هاڻي بلڪل محفوظ آهيو" هن خوش ٿيندي دل ۾ چيو.

جڏهن وري چپ ٿي وئي تہ منگهان پنهنجي ڀينرن کي جاڳايو ڪن ۾ سرٻاٽ ڪري ڪجهہ چيائين، پوءِ ٽئي ڇٽيون هوريان هوريان هيٺ لٿيون هلندي هلندي ٻيلي ۾ هليون ويون. صبح ٿيڻ تائين بنان ساهي پٽڻ جي لڳاتار ڊوڙنديون رهيون.

ڏينهن ٿيڻ وارو هيو جو اهي اچي هڪ گهر وٽ پهتيون،

جنهنجي پرسان هڪ پاڻيءَ جو تلاءُ هو جنهن ۾ هنج پڪي پئي تڙڳيا جتي چوڏاري پٿر جا بت بيٺل هئا. ان گهر کي هڪ هزار دريون هيون، اهو بادشاهہ جو محل هو. منگهان محلات جي اندر وئي ۽ سڄو احوال وڃي بادشاهہ سان ڪيائين. بادشاهہ بہ ڏيان سان ٻڌڻ لڳو، جڏهن منگهان ڳالهہ ڪري پوري ڪئي تہ بادشاهہ وراڻيو ڏاڍو سٺو ٿيو. تون بهادر سياڻي ڇوڪري آهين. هاڻي هيئن ڪر ديو جي تلوار جيڪا سندس بستري جي پٺيان ٽنگليل آهي، سا چورائي آڻي ڏي تہ تنهنجي ڀيڻ جي شادي پنهنجي وڏي پٽ سان ڪرائيندس، پوءِ تنهنجي ڀيڻ شهزادي بڻجي ويندي.

منگهان ان وقت بادشاهہ جي وڏي پٽ ڏانهن نهاري ڪلي ۽ چيائين "مان ڪوشش ڪنديس."

ان ئي ساڳيءَ شام جو منگهان نقاب پوش ٿي ڀيلو لنگهي ديو جي گهر ڏانهن رواني ٿي وئي. اتي پهچي دريءَ مان ليئو پائي ڏٺائين تہ ديو ماني کائي رهيو هو. هوءَ آهستي سرڪي گهر ۾ هلي وئي ۽ ديو جي بستري جي هيٺان وڃي لڪي ويٺي.

جڏهن اڌ رات ٿي تہ درين جا تاڪ ديو جي گهوگهرن کان لڏڻ لڳا ان مهل منگهان وڏي بستري مٿان چڙهي تلوار کُنڊي مان ڪڍي جيڪا پٽ ۾ لڳل ڪوڪي ۾ ٽنگيل هئي. منگهان جا بجت زور هئا، جو اها تلوار ديو جي وڙهڻ واري تلوار ڪانہ هئي پر ننڍڙي هئي، تنهن هوندي بہ منگهان جي کڻڻ کان ڪجهہ مڙئي ڳوري هئي. هوءَ تلوار کڻي در وٽان لنگهي تہ در جي تاڪن کڙڪو ڪيو ۽ ديو جاڳي پيو."

پوءِ منگهان وٺي ڀاڄ شروع ڪئي. پويان ديو بہ ڊڪڻ شروع ڪيو، نيٺ اچي هڪ پُلِ تي پهتا، جيڪا تمام سنهي هئي.

اتان منگهان تہ ٽپي وئي، پر ديو ٽپي ڪونہ سگهيو ۽ ڪاوڙ مان مُڪَ اولاريندي چوڻ لڳو:

منگهان جيڪر پيهر آئي،
آءُ چڏيندس تنهنکي ڪائي.
تنهن تي منگهان کيس جواب ۾ چيو:
پيهر تو وٽ ايندس مان،
توکي ڪين ڇڏيندس مان.

پوءِ منگهان تلوار کڻي بادشاهه وٽ اچي پهتي ۽ بادشاه سندس پيڻ کي پنهنجي وڏي پٽ سان پرڻايو. وڏي ڌام ڌوم سان شادي ٿي. شاديءَ کان پوءِ بادشاهه منگهان کي چيو:

"منگهان تو واهه جو ڪم ڪيو. بيشڪ تون بهادر ۽ سياڻي آهين. پر جيڪڏهن تون ديو جو پٽون ڪٽي اچين ته وهه واه. اهو پٽون هوشياريءَ سان کڻي ايندين، ته مان تنهنجي وچين ڀيڻ پنهنجي وچين پٽ سان پرڻائيندس اهو منهجو توسان واعدو آهي."

هوءَ بادشاهه جي وچين پٽ ڏانهن ڏسي کلي ۽ "چيائين ته مان ڪوشش ڪنديس."

پوءِ هوءَ ڀٽي رنگ جو نقاب اوڙهي، ڀيلو ٽپي ديو جي گهر طرف رواني ٿي. ديو به اڳئين ڀيري وانگي رات جي ماني کائڻ ۾ مست هو. هن دفعي منگهان سوٽي ڪپڙي جي هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ پاڻ کي لڪايو، جيڪو سامان سان سٽيو پيو هو.

اٽڪل آڌيءَ رات ڌاري هوءَ ڪپڙي جي ننڍي ڪمري مان آهستي آهستي ڪري نڪري آئي ۽ هڪ ڏڪهو ساهه کڻي پنهنجون آڱريون وڏي طول وهاڻي ۽ ننڍي وهاڻي وچان لنگهايون ته ديو گهوگهرا هڻڻ بند ڪري، ساهه کڻڻ لڳو. پر وري جلدئي گهوگهرا هڻڻ لڳو. تڏهن منگهان به پنهنجون آڱريون ٿورو اڳتي سرڪايون. ان وقت ديو ننڊ ۾ ائين چيو ته جڻ سندس گهر ۾ ڏاڙيل ڪاهي پيا آهن. سندس زال کيس چيو ته چريو آهين ڇا، ماٺ ڪري آرام سان سُمهه، ڪاڏهون آيا ڏاڙيل اِهي اَهي هڏا آهن، جيڪي تون رات ڪائي اچلايا هئا."

منگهان پنهنجون آڱريون اجا بہ ٿورو اڳتي سرڪايون تہ سندس آڱريون وچي پٿونءَ ۾ لڳيون، پر جئين ئي هن پٿون هيٺان کسڪائي ڪنيو تہ هڪ غيني هيٺ ڪري پئي. ان جي ڪرڻ سان فرش تي ڪڙڪو ٿيو ۽ ان آواز تي ديو جاڳي پيو.

پوءِ منگهان رکيو پيرن تي زور تہ ديو بہ سندس ڪڍ پاچ ڪئي. ديو هو ٿلهو، پڄي نہ سگهيو، نيٺ ساڳي سنهي پل وٽ پهتا. منگهان هئي هلڪڙي سا تہ پل تان پار اُڪري وئي پر ديو بيهي رهيو جو سندس اتان لنگهڻ ممڪن ڪونہ هو. پوءِ هن پيءَ پرتان رڙ ڪري چيو:

منگهان جيڪر پيهر آئي،
تنهنکي آءُ چڏيندس ڪائي.
اهو ٻڌي منگهان بي ڊپائيءَ سان کلي کيس چيو:
پيهر تون وٽ ايندس مان.
توکي ڪين ڇڏينديس مان.

اهو ٻتون ڪٺي منگهان بادشاهہ کي ڏنو ۽ سندس وچينءَ ڀيڻ جي شادي بادشاهہ جي وچين پٽ سان ٿي وئي. اها شادي اجا وڏي ڌوم ڌام سان ٿي، غريب غربي ڪاڏا ڪائي ڍئو ڪيو.

شادي جي ڪاڄ ٿيڻ کان پوءِ بادشاه منگهان کي چيو منگهان! توکي اجابہ هڪ ڪم ڪرڻو آهي. جيڪو اڳين کان وڌيڪ اهم آهي، اُهو ڪم اِهو آهي، تہ ديو جي چيچ ۾ جيڪو ويندو پاتل آهي، سو ڪنهن طرح سندس چيچ مان لاهي ڪٺي اچ تہ تنهنجي شادي مان پنهنجي ننڍي پٽ سان ڪرائيندس ۽ اهو منهنجو توسان واعدو آهي. منگهان تون واقعي ڏاهي ۽ بهادر آهين.

منگهان بادشاه جي ننڍي پٽ ڏانهن نهاري کلي ۽ منهن ٻئي طرف ڪري پيو دفعو وري بہ کلي ۽ چيائين تہ "ڪوشش ڪنديس" منگهان جڏهن هن دفعي ديو جي گهر ۾ وئي، تہ هوءَ بخاري واري

جاري ۾ لڪي ويٺي.

آڌي رات ٿي تہ هوءَ بخاري واري جاري مان نڪري ديو جي بستري ڏانهن آئي. سڄي ڳالهہ اها ٿي جو ان وقت ديو سمهيو پيو هو ۽ ننڊ ۾ گهوگهرا هڻي رهيو هو. سندس مٿو وهاڻي تي هو ۽ ويڻي واري ٻانهن بستري کان هيٺ لڙڪي رهي هئي. منگهان پهريون ديو جي چيچ کي ٿورو مهٽيو ۽ پوءِ آهستي آهستي ڪري ويڻو چيچ مان ڪسڪائڻ لڳي. ويڻو بہ آهستي آهستي ڪسڪندو پئي آيو ۽ آخر سرڪي چيچ جي چوٽيءَ واري هڏي جي سنڌ تي پهتو. جڏهن منگهان چيچ مان ويڻو ڪڍي ڪيسي ۾ وجهي رهي هئي، تہ ديو گجگوڙ ڪري جاڳي پيو ڪيس پڪڙي سڪ ڪري مٿي ڪٽي پنهنجي سر مٿان جهلي بيهي رهيو.

”نيٺ پڪڙجي پئين. گهڻا ڏينهن بچي وئي هئين، ”وري تہ مون سان ايڏي جٽ نہ ڪندين؟ جيترين تون مون سان جٽيون ڪيون آهن، ايترين جي مان توسان ڪيان ها، تہ تون منهنجو کهڙو حشر ڪرين ها.“ ديو منگهان کي چيو.

منگهان چيو: ”توکي مان هڙ وانگي ڳوڻ ۾ بند ڪيان ها ۽ ان ڳوڻ ۾ هڪ ٻلي ۽ ڪتو بہ توسان گڏ وجهان ها. سئي سڳا ۽ وڏي ڪئنچي بہ. پوءِ مان جهنگ ۾ وڃي هڪ مضبوط سوٽو ڪٽي اچان ها. پوءِ اها ڳوڻ پيٽ ۾ ٽنگي اچي ان کي ڪٽيان ها، ايستائين جو سڀ قيمون ٿي وڃي ها. مان تہ ائين ڪيان ها.“

ديو کلندي چيو:

”مان بہ توسان ائين ئي ڪندس“ پوءِ هو ڳولي هڪ ڳوڻ ڪٽي آيو. منگهان کي ان ۾ بند ڪيائين. هڪ ٻلي ۽ هڪ ڪتو بہ ان ڳوڻ ۾ سئي سڳا ۽ ڪئنچي بہ منجهس وڌائين پوءِ ڳوڻ کي پيٽ ۾ ٽنگي پاڻ جهنگ مان ڏنڊو ڪپڻ ويو.

جڏهن ديو پري هليو ويو تہ منگهان هڪ هٿ سان ڪتي کي

پئي هٿ سان ٻلي کي ڏک هنيو ۽ خوشي واري آواز ۾ ڳايو:

جيڪو ڪجهہ هٿ آءُ پسان ٿي،
پنهنجي اکڙين ساڻ ڏسان ٿي،
هيءَ تہ نظارا ٻيو بہ ڏسي ها،
پنهنجي اکڙين ساڻ پسي ها.

”منگهان! او منگهان، تون ڪهڙا نظارا ٿي ڏسين“ ديو جي زال ڪانئس پڇيو. پر منگهان جواب ڪونہ ڏنو ۽ چيو:

جيڪو ڪجهہ هٿ آءُ پسان ٿي،
پنهنجي اکڙين ساڻ ڏسان ٿي،
ڪاش! نظارو ٻيو بہ پسي ها،
پنهنجي اکڙين ساڻ ڏسي ها.

ديو جي زال منگهان کي ايلاز منٿون ڪندي چيو تہ ڪيس ڳوڻ ۾ وجهي تہ هوءَ بہ انهيءَ جيان ڪي نرمل نظارا پسي. پوءِ منگهان ڇا ڪيو جو ڪئنچي ڪٽي ڳوڻ ۾ سوراخ ڪري ٻاهر نڪري آئي ۽ ديو جي زال کي ڳوڻ ۾ وجهي جهٽ پٽ ڳوڻ کي سئي سڳي سان سبي ڇڏيائين.

ڳوڻ ۾ تہ گهگهہ اونداهہ هئي. ديو جي زال تہ ڪجهہ ڏسي ڪانہ پئي سهگي، سو منگهان کي سڏ ڪري ٻاهر ڪڍڻ لاءِ چيائين پر هن ڪن لاٽار ڪري ڇڏي ۽ پري در جي اوٽ ڏئي، لڪي ويهي رهي. نيٺ ديو بہ گهر آيو ناهوڪي ڏانگ هجيس هٿن ۾. اچڻ سان اچي آهوڙا ٻڌائين ڳوڻ تي.

سندس زال تہ گهڻيون ئي رڙيون ڪيون تہ ”اها منگهان ناهي مان آهيان.... مان آهيان تنهنجي زال“ پر اندر ڳوڻ ۾ سوٽي لڳڻ تي هجن ڪتي جا ڪئونڪات ۽ ٻليءَ جا ميڪات، سو ديو تہ ڪجهہ ئي ڪونہ پئي ٻڌي سگهيو.

منگهان ڪسڪي در جي اوٽ مان ٻاهر نڪري وٺي ڀاڄ ڪئي. پر ديو جي مٿس نظر پئجي وئي ۽ گجگوڙ ڪري سندس ڪڍ ڊوڙيو.

منگهان اڳ ۾، ديو پويان پڄ پڄان، پڄ پڄان نيٺ اچي سنهي پل وٽ پهتا. منگهان تہ هريل هئي، سا ٽپ ڏيندي سنهي پل ٽپي وئي، پر ديو ٽپي نہ سگهيو ۽ ٻيءَ پير تان گجگوڙ ڪري چوڻ لڳو.

منگهان جيڪر ڀيهر آئي،
آءٌ ڇڏيندس تنهنکي کائي.

تنهن تي پر مگهان وڏو ٽهڪ ڏئي، بي پرواهيءَ سان کيس چيو:

تو وٽ ڀيهر ڪين ايندس مان،
توکي سيڪت خوب ڏني مان.

هن اهو وينڊو ڪٽي وڃي بادشاهہ کي ڏنو تنهن تي بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيو ڇوتہ اهو وينڊو قيمتي هو. پوءِ منگهان جي بادشاهہ جي ننڍي پٽ سان شادي ٿي. هيءَ شادي سيني کان وڏيڪ ڌوم ڌام سان ٿي. ڪيترائي ڏينهن ڪاڄ هلندو رهيو. غريب غربي کائي ٻي ڊؤ ڪيو.

خوشيءَ مان شمعون ۽ ڏيا ٻاري سڄي محلات کي روشن ڪيو ويو. هنج پکين واري تلاءَ ۾ اولڙا ڇڻ تارن جان تمڪي رهيا هئا. ان کان وڏي ۽ پلي ڳالهہ اها ٿي تہ ديو هيٺو ٿي پيو ۽ هرڪو ان جي آزار کان ڇٽي پيو. گهر گهر ۾ خوشين وچان دهل وڄڻ لڳا.

ڪلهہ بہ ڏنو سون تہ هرڪو خوش وينو هو.

ٽي دوست

ڪنهن جهنگ ۾ ٽي دوست رهندا هئا، جن مان هڪ هو ٻولو ٻيو هو گدڙ ۽ ٽيون هو لُڌڙو. ٽيئي صبح جو سوير شڪار لاءِ نڪري ويندا هئا. ڪين ڪٿي نہ ڪٿي خوراڪ ملي ويندي هئي، پوءِ شام جو اچي پاڻ ۾ گڏبا هئا. هڪ سهو سدائين اچي ڪين چوندو هو تہ "اخلاق وارا ٿيو، غريبن کي دل کولي ڏيو ۽ وڏن ڏينهن جو خاص احترام ڪيو. حرام کان پاسو ڪيو. ڪنهن هنڌ ڪا شيءِ ڏسو، تہ ٽي پيرا سڏ ڪيو. پوءِ جيڪڏهن ان جو ڪو مالڪ نہ ٿئي تہ، پوءِ پلي اها شيءِ ڪٽي وٺو. هڪ ڏينهن سيهڙ ڪين چيو تہ "سڀاڻي عيد جو ڏينهن آهي، جيڪو بہ فقير اوهان وٽ اچي، تہ اوهان پنهنجي حصي جي مانيءَ مان ڪيس ضرور ڏيو" سڀني خوشيءَ سان هائو ڪئي.

ٻئي ڏينهن لُڌڙو تکو تکو نديءَ جي ڪناري تي شڪار لاءِ ويو. اتي ٿورو اڳ ۾ هڪ مهاڻو ڏهاڪو کن مڇيون ماري اهي واريءَ ۾ پوري، ٻيون مڇيون مارڻ لاءِ اڳتي نڪري ويو. لڌڙي کي جو مڇين جي بوءِ آئي سو واريءَ کي کوٽي مڇيون ٻاهر ڪڍيائين. پوءِ سڏ ڪري چوڻ لڳو، "هي مڇيون ڪنهنجو آهن؟". سڏ ڪرڻ مهل "هي ڪنهنجون آهن" ڏاڍيان ٻيو چوي. جڏهن "مڇيون" چوي تہ

آواز صفا هوريان ڪري وجي. اهڙي نموني هن ٽي دفعا سڏ ڪيو. پر ڪوبہ مالڪ ظاهر ڪونہ ٿيو. پوءِ هو اهي مڇيون جهنگ ڏانهن کڻي ويو، جا تي هڪ مور رهندو هو. دل ۾ چيائين تہ جڏهن بک لڳي تڏهن کائيندس. پوءِ دل ئي دل ۾ چوڻ لڳو تہ مان ڪيڏو نہ اخلاق وارو آهيان.

گدڙ بہ پنهنجي کاڌي پيتي ڳولڻ واسطي ٻاهر نڪتو ۽ ڪنائيندو ڏسندو، ٻيهندو، هڪ گهر ۾ گهڙي ويو. ان گهر ۾ ڪوبہ ڪونہ وينو هو. هڪدم اتان هڪ گيهہ جي دڪي، هڪ ڪڪڙ ۽ هڪ جليبين جو ٿالهہ کڻي آيو ۽ جهنگ ۾ بيهي سڏ ڪرڻ لڳو، ”هي گيهہ جي دڪي، هي ڪڪڙ ۽ جليبين جو ٿالهہ ڪنهنجا آهن؟“ جڏهن ”هي ڪنهنجا آهن“ چوي تہ ڏاديان زور سان پيو چوي، پر جڏهن گيهہ، ڪڪڙ ۽ جليبين جو نالو وٺي تہ صفا هوريان پيو چوي، ايترو جو پاڻ بہ مس ٻڌي سگهي. پوءِ اهڙي طريقي سان ٽي سڏ ڪيائين جڏهن ڪوبہ مالڪ نہ ٿيو تہ پوءِ سڀ سامان پنهنجي ڏر ۾ کڻي هليو ويو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو تہ مان ڪيڏو نہ اخلاق وارو آهيان.

ٻولو رُلندو، ٻنندو هيڏي هوڏي تڪيندو، انبن جي باغ ۾ ٽپي پيو، ۽ چڱي خاصي هڙ ٻڌي ٻاهر نڪتو ۽ پري وڃي انب رکي هو بہ سڏ ڪرڻ لڳو: ”هي انب ڪنهنجا آهن ؟“ هن بہ لڌڙي ۽ گدڙ وانگي سڏ ڪيا. پر ڪوبہ مالڪ ڪونہ ٿيو، سمورا انب کڻي پنهنجي گهر هليو ويو. دل ۾ چيائين ”تہ مان ڪيڏو نہ اخلاق وارو آهيان“ .

سهو سائي گاهہ ۾ وينو هو، دل ۾ پئي چيائين ”جيڪڏهن ڪو فقير مون وٽ اچي تہ مان ڪيس کائڻ لاءِ گاهہ ڏيان“ . مون وٽ نہ

چانور آهن، نہ گيھہ آهي ۽ نہ وري ڪي مڇيون. مهمان جيڪڏهن مون ڪان ماني گهري تہ مان ڪيس ڪائڻ لاءِ پنهنجو گوشت آڇيندس.

جڏهن اهي لفظ هڪ فرشتي ٻڌا تہ سهي ڪي پرکڻ لاءِ صورت بدلائي هيٺ لهي آيو، ۽ ماڻهو جي شڪل ۾ تي لڌڙي ڪي چيائين "لاڏلا لڌڙا! تون مونکي ڪجھہ کائڻ لاءِ ڏي تہ مان اوڪا پوڪا پلي هڪ منون تي ڪنهن ڪُنڊ پاسي وڃي عبادت ڪريان"

لڌڙي چيس، "مان توکي ڏہ مڇيون ڏيندس، جيڪي وڏي محنت سان هٿ ڪيون اٿم، نديءَ جي پاڪ پاڻيءَ مان. تون اهي کائي آرام سان هن جهنگ ۾ رهي پؤ ۽ وڃي عبادت ڪر"

"چڱو ڀلا ان معاملي ڪي سياڻي ڏسبو" ماڻهوءَ چيو. تنهن ڪان پوءِ گدڙ وٽ ويو ۽ چيائينس، "مونکي ڪجھہ کائڻ لاءِ ڏي تہ مان جيڪر هن جهنگ ۾ ويهي ڏاڍي عبادت ڪريان" گدڙ چيس، "مان حق حلالِ جي روزي گڏ ڪئي آهي، سڄي رات رليو آهيان، ٻچاڙي ۾ مالڪ ڪي تي ٻيرا سڏ بہ ڪيم. پوءِ پاڻ ڪي چيم ميان گدڙ! هاڻي هي مال تنهنجو آهي، ڏس ميان ماڻهو مان ڪيڏو نہ اخلاق وارو ۽ ايماندار آهيان"

ماڻهوءَ چيس، "سياڻي ٿئي تہ انهي ڳالهہ کي ڏسي ونبو" ۽ پوءِ اهو ماڻهو ٻولي وٽ آيو اچي چيائينس: "ڀلا ٻولا! مونکي ڪجھہ کائڻ لاءِ ڏي تہ جيڪر آءٌ ويهي هڪ هنڌ عبادت ڪريان"

ٻولي چيس: "ميان ماڻهو! منهنجا انب ڪائيندين تہ مزو اچي ويندءِ. مان انهن ميڙڻ ۾ وڏي محنت ڪئي آهي. ان ڪان پوءِ هُو سهڙ وٽ آيو. سهڙ سندس سهڻي نموني آدر ڀاءُ ڪيو ۽ جو ڪجھہ وٽس هيو، سو آڻي سندس اڳيان رکيائين. اهو ڏسي هُو ڏاڍو خوش

تيو. پر انهن شين کي هٿ بہ ڪونہ لاتائين. جنهن تي سهڻ کي حيرت ٿي. ان ماڻهوءَ کيس چيو تہ،

”سهڻ مان توکي ۽ تنهنجي اخلاق کي پرکڻ آيو هوس.

بيشڪ! تون پلو جانور آهين، ۽ سان چڱائي ڪرڻ چڱي ڳالهہ آهي. تو ۾ گهٽيون چڱايون آهن. چڱائي سدائين ڪم اچي ٿي.

سدا سياڻا سها! اهوئي تہ وڪر آهي جو پئي پراڻو نہ ٿو ٿئي“

ان فرشتي چيا ڪيو جو پهاڙ کي نپوڙي ان مان رس ڪڍي چند کي مکيائين تہ ان ۾ سهڻ جي شڪل ٺهي بيني. ان سهي کي باهہ وتان ڪٽي گاهہ ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ لاءِ ڇڏي، پاڻ واپس بهشت ڏانهن هليو ويو.

اڇو ڏُنبو

هوتوءَ نالي هڪ هاري هڪ اڇو ڏُنبو پاليو هو. ڏُنبو گاهه پاڻي جام کائيندو پيئندو هو. پر ان هوندي به هوتُو شام جو ڏهاڙي کيس لپ چڻن جي به کارائيندو هوس. تنهنڪري ٿلهو متارو به ايڏو ٿي پيو جو پنهنجي کل ۾ ئي نه پيو ماپي. هلندو هو ته ڄڻ پيو ڇُلندو هو. بأڪري عيد هئي ويجهي، هوتوءَ کي هيانءَ ۾ آيو ته هيلوڪي عيد تي دنبي کي قربان ڪبو. اها خبر هن پنهنجي آڪَهه کي به ڪئي. اها ٻاهور وڃي دنبي گهٽي جي ڪَنِ پئي. سو هڪ ڏينهن وجهه وٺي گهر مان گسائي وٺي ڀاڄ ڪيائين.

هو ٿورو اڳتي ويو ته کيس رستي ۾ ڏاند ملي ويو. "ميان دنبا! ڀلي آئين، آهي ته خير، صبح سان ڪاڏي بِراٽو ڀڳو ٿو وڃين؟" ڏاند ڀليڪار ڪندي کانئس پڇيو.

"ڏاها ڏاند! مڙئي خير آ، هن ٻاڪريءَ عيد تي منهنجو مالڪ ڪندو مونکي قربان، سو اتان ڀڄي ڀاڳ آزمائڻ لاءِ نڪري پيو آهيان"

"منهنجو مالڪ به ڪاٽيون پيو ٿو نپائي، مونکي به دل ۾ به تڪا شڪ آهي ته مون وارو مالڪ به مونکي هيلهه ٻاڪريءَ عيد تي ڪُهي قربان ڪندو"

ڏاند ڏک وچان چيو، ”ميان گهٽا مان بہ توسان ٿو هلان“
ٿورو اڳتي هليا تہ ڪين ڪَڪڙُ ڪتو ملي ويو.
”ميان گهٽا پلي آئين“ ڪتي ڪيس ڪيڪاريو.
”ڪَڪڙ ڪتا خير آ“ گهٽي وراڻي ڏني.
”صبح سان جهنگ مُنهن ڪيو ڪاڏي ٿو وڃين؟“ ڪتي ڪانئس پڇيو. ”مونکي هن ٻاڪريءَ عيد تي قربان ڪندا، سو گهر ڇڏيون ڀڄو ٿو وڃان“. گهٽي سائنس دل جو حال اوريو.
”ميان گهَٽا! مان بہ ڪراڙو ٿي ويو آهيان، مالڪ بہ مون مان آهن ڪَڪِ. مونکي بہ پرون پيا آهن، تہ ڏيندا مون کي بہ ڏنڊي جي ٽونڪرَ، سو مان بہ ٿو توسان هلان“ ڪتي چيو.
”تہ پوءِ اچ تہ هلئون“ گهٽي چيو، ”جيترا گهٽا تيرو پلو“ ٿورو اڳتي هليا تہ ڪينِ ٻلو ملي ويو.
”ميان گهٽا پلي آئين“ ٻلي گهٽي جي آجيان ڪندي چيو.
”دُنبا خان خير تہ آهي“ڪُمهلو ڪاڏي پيو وڃين؟ ٻلي ڪانئس پڇيو
”ٻڌو اٿمر تہ هن ٻاڪريءَ عيد تي مون کي ڪهندا، سو ساهہ بچائڻ لاءِ وٺي ڀاڄ ڪئي اٿمر“ گهَٽي وراڻيو.
”منهنجا مالڪ بہ مون مان تنگ آهن. ٿي سگهي تہ مون مان بہ جان ڇڏائن، سو مان بہ هلان ٿو توهان سان“ ٻلي چيو. ”پوءِ اچ تہ هلئون جيترا گهٽا اوترو پلو“ گهٽي چيو. ٿورو اڳتي هليا تہ ڪين ڪُڪُڙ ملي ويو.
”ميان گهٽا پلي آئين“ ڪُڪُڙَ ڪيڪاريندي گهٽي کي چيو

”ڪڪڙ خان خير هوندءِ“ گهٽي وراڻي ڏني.

”مياَن گهٽا وڃين ڪيڏانهن ٿو؟“ ڪتي ڪانئس پڇيو. ”ٻڌو اٿم ته ٻاڪريءَ عيد تي مونکي قربان ڪندا سو بخت آزمائڻ نڪري پيو آهيان“ گهٽي وراڻيو.

”منهنجا مالڪ به مونکي کهڻ جي تيارين ۾ آهن، سو مان اوهان سان ٿو هلان“ ڪُڪڙ چيو

”ڀوءِ اچ ته هلئون“ گهٽي چيو. جيٽرا گهٽا اوترو چڱو.

ٿورو اڳتي هليا ته کين بدڪ ملي وئي.

”ميان گهٽا ڇا حال آهن؟“ بدڪ گهَٽي کي ڪيڪاريو.

”بدڪ تون چاق آهين. گهٽي وراڻيو“ميان گهٽا ڪيڏانهن پيو وڃين؟“ بدڪ ڪانئس پڇيو.

”بس ڳالهه ئي نه پڇ، هن ٻاڪريءَ عيد تي مون کي مالڪ کُهي ڪندو قربان، سو ڀاڳ آزمائڻ لاءِ گهران ڀاڄ ڪئي اٿم“ گهٽي وراڻيو.

”منهنجي مالڪن جا آيا مهمان، هنن اچ مون سان ڪسڻ جي ڪار پئي ڪئي، ڀڄي نڪتس اتان، سو آءُ به اوهان سان ٿي هلان“ بدڪ گهٽي کي چيو.

هلندا ويا هلندا ويا، نيٺ کين رستي ۾ سج لهي ويو. پري کان کين روشني نظر آئي. کين اتي پهچڻ ۾ ديرڪانه لڳي. دريءَ مان ليئو پائي ڏٺائون ته اندر چور ويٺا هئا، جن پئسا پئي ڳڻيا.

”اچو ته ڪنهن اٽڪل ۽ همت سان چورن کي اتان ڀڄائي ڪڍون. هاڻي هيئن ڪريو هرڪو پنهنجي ٻوليءَ ۾ وڏي دانهن ڪري“ گهٽي سڀني کي چيو. ڪُتو وڏي آواز سان ڀونڪندو، ٻلو

وڏي آواز سان ڪيڪرات ڪندو، ڪڪڙ وڏي آواز سان ٽانڪٽ ڪندو ۽ بدڪ وڏي آواز ۾ ڪٽاڪ ڪٽاڪ ڪندي، هينئر سڀ شروع ٿي ويو."

پوءِ سڀني هڪ ئي وقت تمام وڏي آواز سان پنهنجي پنهنجي آواز ۾ دانهون ڪيون.

جڏهن چورن اوچتو عجيب قسم جون رڙيون ڪوڪون ڪيڪرات ۽ رنيون ٻڌيون تہ خوف کان ڪين جتيون پائڻ ئي وسري ويون، ڊوڙي وڃي پر واري ٻيلي ۾ لڪا.

جڏهن دنبي گهٽي ۽ سندن ساٿين گهر خالي ڏٺو تہ اندرهليا ويا. جيڪي اتي پئسا پيا هئا، سي ورهائي ڪنياٿون ۽ آرام ڪرڻ لاءِ صلاح مشورو ڪرڻ لڳا.

ٻي رات چورن پنهنجي هڪ سنگتي کي اوڏانهن موڪليو تہ وڃي ڪجهہ واءُ سواءُ لهي اچي. هن ڏٺو تہ اوندهہ لڳي پئي آهي، پر پوءِ چور موم بتيءَ ٻارڻ جي ڪوشش ڪئي . ڪتي ڇا ڪيو جو پيچ پاٽيءَ مان ٻوڙي کٽي چنبڪو ڏنو تہ ٻاهہ وسامي وئي. چور ڊڄي وٺي ڀاڄ ڪئي، جڏهن هو گهٽي پرسان لنگهيو تہ ان وٺي چور کي .زوراٽتو ٽڪر هنيو. ڏاند ڪيس لت هنئين. ڪڪڙ ٻانگون ڏيڻ شروع ڪيون. بدڪ پنهنجن پرن سان چور جي ٽنگن ۾ چماٽون هنيون.

چور پنهنجي وت کان وڌيڪ رفتار سان ڊوڙ پائي وڃي ٻيلي ۾ پنهنجن دوستن سان مليو.

جڏهن دوستن کانئس حال احوال پڇيو تہ هن چيو تہ:

"جڏهن مان صندوق مان موم بتين ڪڍڻ جي ڪوشس ڪئي تہ اتي هڪ ماڻهو چاقوءَ جا ڏهہ وار ڪيا. جڏهن مان موم بتي ٻاري

تہ ڏنمر تہ وچ تي هڪ وڏو ماڻهو سمهيو پيو هو، جنهن مونکي ڌڪو ڏنو. ٻئي ماڻهوءَ مونکي دروازي کان ڌڪو ڏئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. هڪ همراه مٿي ٿنڀي تي ويٺو هو، جيڪو چئي رهيو هو تہ "انهيءَ کي هيڏانهن موڪليو تہ مان بہ ڪجهہ هاج لاهيانس" اندر ڪو موچيءَ وانگي ماڻهو بہ ويٺو هو، جنهن منهنجي ڄنگهن تي ڄُتين سان چڱي ڪٽ ڪڍي."

جڏهن چورن اها ڳالهہ ٻڌي تہ هنن موتي پئسن ڪڻڻ لاءِ دل ڪانہ ٻڌي. دنبي گهٽي ۾ سندس ساٿين اهي ٻاڻ وٺ رکي ڇڏيا، هر روز ڪاڏي پيتي جون شيون وٺي ايندا هئا، مفت ۾ گهر بہ ملين، تہ تمام گهڻا پئسا بہ ملين، تنهن ڪري ڏاڍو خوش گذارڻ لڳا.

ڪلهہ بہ ڏٺاسون تہ خوش ويٺا هئا.

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاڻو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري تـو تـہ پَڪَ ڄاڻو تـہ اُهو ڪُوڙو آهي. نـہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيـڪڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪري تو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بيـن لفظن ۾ پَـنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪـن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تـي بـہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـبِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن ڪـي ڏِجيـٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڏِجيٽائِيز ڪرڻ کان پـو ٻيـو اهـم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مـان جيڪـڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۾ نتيجي طور سماجي ۾ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۾ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۾ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۾ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۾ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۾ اٽل گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۾ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۾ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ The Reading Generation